www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممتاز مهر 9 مارچ 1942ع تي سکر شهر ۾ ڄائو ۽ پرائمريءَ کان وٺي بي - اي تائين تعليم آتي ئي حاصل ڪيائين. سال 1966 ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم - اي (فلاسافي) ڪيائين. ڪيس ادب سان ڇاهه ننڍپڻ کان وٺي رهندو آيو آهي.

سال 1964 کان وٺي هيل تائين هو 30 کان مٿي ڪهاڻيون لکي چڪو آهي. سندس ڪجهه ڪهاڻيون ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿي چڪيون آهن. ڪهاڻيڪار کان علاوه هو سنڌيءَ جو هڪ ٻرک مضمون نگار پڻ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو وهڪرو

(ڪهاڻين جو مجموعو)

— ممتاز مهر

نئون دور- پبليڪيشنس سکر سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعداد هڪ هزار ———————— ڇاپو پهريون
ڊسمبر 1977

(ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

قيمت ٠٠—4 رپيا

هي ڪتاب اسٽار پرنٽرس حيدرآباد سنڌ، مان ڇپائي، نئون دور پبليڪيشنس سکر طرفان پڌرو ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

”ڀاڻي جيڪو مانده وهندو
رهندو آهي، سدائين نئون
هوندو آهي.۱
— هرمن هيس، ناول ”سڌارٿا“ ۸.

ارپيم ش - ڪ کي

”ماڻهو ملن ٿا ۽ ڌار ٿيو وڃن
ٿا، ائين جيئن ٻن هوا جي زور
تي لڙهيو وڃن.“
— نڪوس ڪازنتزاڪس ناول
”زوربا يوناني“ ۸.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

عنوان	صفحا
پنهنجي طرفان	1 کان 4
يادن کان انتقام	5 کان 14
مٽيءَ جو طوفان	15 کان 20
معصوم پارڙا	21 کان 27
نئون تجربو	28 کان 35
ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي	36 کان 44
هڪ لاش	45 کان 49
اچي بوءِ بهار جي	50 کان 54
ڳاڙها گل پيلا گل	55 کان 66
دانشور صاحب	67 کان 71
ساز وڄندا رهيا	72 کان 75
ونگن جي دنيا	76 کان 82
پيار جا گهاءُ	83 کان 90
ڪپيل ڌڙ مان وهندڙ رت	91 کان 94
انڌو کوئو	95 کان 102
زندگي جو وهڪرو	103 کان 112

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

پنهنجي طرفان

پڙهي جي رچنا تي لکڻ جي پيٽ ۾ پنهنجي رچنا تي لکڻ ڏکيو لڳندو آهي. بهرحال هڪ اڻپوري ڪوشش ڪريان ٿو: مون 1964 کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جيڪي گهڻي ڀاڱي مختلف رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. ڪن کي اڳ ۾ ڇپجڻ جو موقعو مليو ته ڪن کي بعد ۾. تنهن ڪري مجموعي لاءِ ڪهاڻين جي فهرست ٺاهڻ وقت اهو مسئلو پيدا ٿيو ته اڳ ۾ ڪهڙيون ڪهاڻيون ڏجن ۽ بعد ۾ ڪهڙيون؟ ۽ ڪهڙيون ڪهاڻيون مجموعي ۾ شامل نه ڪجن. هن مجموعي ۾ ڪهاڻين جو سنه نه تاريخ وار آهي، نه ڪو موضوع وار. ايئن کڻي سمجهجي ته 1964 کان وٺي آگسٽ 1977 تائين لکيل ۽ چونڊيل ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو آهي.

هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مان خارجيت ۽ داخليت کي هڪ جيتري اهميت ڏيندو آهيان. ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ خارجيت ڪيتري قدر آهي ۽ داخليت ڪيتري قدر، تنهنجو دارومدار ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ پلاٽ تي هوندو آهي. مقصد اهو هوندو آهي ته مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن ۽ وقتن ۾ انسان جي ڪهڙي صورت حال هوندي آهي، تنهن کي ڏيکارڻ. سندس خارجي ۽ داخلي رد عمل کي ڏيکارڻ. بدلجندڙ انساني قدرن کي، ظاهري روپ ۽ اصل حقيقت کي ڏيکارڻ، فرد جي داخلي ڪيفيتن کي، اندر جي سوجهيءَ (Insight) کي ڏيکارڻ.

اڄ جو انسان اڪيچار مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. اڄ جي انسان کي آرام ۽ سکون گهٽ، بي آرامي ۽ اڻ تڻ وڌيڪ آهي. انسان جي اها اڻ تڻ ۽ وسوسا وڌندا پيا وڃن. انسان، درپيش پيچيده مسئلن کي حل ڪرڻ چاهي ٿو، انسان انسان کي سمجهڻ چاهي ٿو ۽ ماڻ پاڻ کي سمجهڻ چاهي ٿو، ۽ اهو سلسلو جاري آهي. انسان ۽ انسان جا اڪيچار مسئلا اديب جا بنيادي موضوع آهن جو ته اهي هن جا به مسئلا آهن. تنهن ڪري هو جيڪي ڪجهه به تخليق ڪري ٿو ۽ پڙهائي ٿو تنهن ۾ هو سڌي يا اڻ سڌي طرح سان شامل (Involve) آهي. اها شموليت (Involvement) ان رچنا لاءِ تڏهن اثرائتي ۽ مفيد ثابت ٿيندي جڏهن ليکڪ پوري سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ کان ڪم ورتو هجي، ٻي صورت ۾ اها رچنا کوکلي لڳندي.

رچنا جي ڏس ۾ هونءَ ته ڪيترائي مسئلا آهن پر هڪ ذميدار (Committed) ليکڪ لاءِ بنيادي مسئلو اظهار جي آزاديءَ جو هوندو آهي. جنهن سماج ۾ اظهار جي آزادي هوندي تنهن سماج ۾ گهٽي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھٽو ۽ سنئي ڪان سنو ادب پيدا ٿيندو، ۽ جنهن سماج ۾ اظهار تي پابنديون هونديون آئي صحيح ۽ سچو ادب گهٽ پيدا ٿيندو. دنيا جي ادبي تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسو، اوهان کي انهيءَ حقيقت جي چاڻ پنجي ويندي.

هڪ ڪهاڻيڪار لاءِ اهو ممڪن ڪونهي ۽ نه ئي اها تنقيدي حقيقت نگاري (Critical-realism) سمجهي ويندي ته مڙني موضوعن ۽ مسئلن کي هڪ ئي هيئت (Form) ۽ اسلوب (Style) ۾ پيش ڪري. ڪنهن موضوع لاءِ صحيح ڍول ۽ طرز ادا اختيار ڪرڻ لاءِ رچنا ڪار کي گهڻو ڪجهه اڳواٽ سوچڻو پوندو آهي. ڪو موضوع اهڙو هوندو آهي جنهن لاءِ بيانيه (Descriptive-Narrative) انداز موزون هوندو آهي، ته وري ڪو اهڙو موضوع هوندو آهي جنهن لاءِ علامتي (Symbolic) انداز بيان مناسب هوندو آهي. جديد رچنائن ۾ ته هر طرح جا تجربا ڪيا ويا آهن ۽ اڪثر بيانيه لکڻين ۾ علامتي عنصر به هوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي جديد ادب ۾ ٽيڪنڪ جي تجربن کي گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي، فقط انهيءَ مقصد ڪاڻ ته خيال جي اظهار کي مناسب ۽ موزون شڪل صورت ملي سگهي.

ٽيڪنڪ جي تجربن ۽ اظهار خيال جي ڏس ۾ مان پڙهندڙن کي اهو ضرور چوندس ته خاص طرح سان منهنجين ڪهاڻين ”معصوم بارڙا“، ”مٽيءَ جو طوفان“،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪپيل ڏڙ مان وهندڙ وت“ ۽ ”انڌو کوئو“ جي نفسياتي، علامتي ۽ تمثيلي پهلوئن کي ڏيان ۾ رکڻ، جو ته انهن ڪهاڻين جي مذڪور پهلوئن کي پرکڻ کان پوءِ ئي انهن جو صحيح قدر سڄاتو ويندو.

آخر ۾ هيءُ به عرض ڪندس ته پورنتا (Perfection) جي هر ڪو چاهنا رکندو آهي، پر اها ورلي ڪنهن کي ملندي آهي. مون کي پنهنجي خامين جو احساس آهي.

— ممتاز مهر.

ڪراچي، نومبر 1977ع

ٻارن کان انتقام

هو رهندو ته گهڻو ٻاغيچي، پراڻي ڪوليمار وٽ آهي، پر چاڪاڻ ته ٽيڪسي ڊرائيور آهي، تنهنڪري فرصت ۾ ڪڏهن موٽ ملڻ لاءِ ايندو آهي ۽ ٽيڪسيءَ ني ڪڏهن هيل پارڪ ۾ ڪڏهن نيپيئر روڊ گانا ٻڌائڻ وڃي ويندو آهي.

سائنس ياري شايد هڪ فوٽ بال مئچ جي دوران ٿي هئي، هو منهنجي پٺيان ۾ ويٺو هو، هن جو خيال هو ته ڪاري پٽيءَ واري ٽيم وڌيڪ گول ڪندي، پر منهنجو خيال هو ته اڇي پٽيءَ واري ٽيم مئچ کٽندي. پوءِ اسان ضد ۾ شرط رکيسين، پر هن جي ڳالهه صحيح نڪتي هئي.... نه نه ياد اچي ويو، اهو واقعو پوءِ جو آهي، هن سان پهرين گڏجاڻي نهايت خراب حادثي وقت ٿي هئي.... اهو واقعو هڪ سال اڳ جو آهي، هاڻي بس انهيءَ واقعي جو ذميوار مان انهيءَ حرامي ٻيري کي سمجهان ٿو، جنهن مونکي ميڪڙات ڏاڙي حرفت مان وسڪيءَ جي ٻن پيگن جي بدران پنج پيگ پياري ڇڏيا ۽ مان نشي جي خمار ۾ الائي ڪيئن ولڙهندو لمندو ڪلفٽن اچي پهتو هوس. انهيءَ وقت سج لهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو هو، سمنڊ جي ڪناري مان ڪجهہ وقت ڇولين مان واند ڪندو رهيس، انهيءَ دوران هڪ پوليس واري اچي مونکي ڪنڌ کان جهليو.

”ڇا جهاز ۾ تنهنجو ڪو مائٽ آهي، جنهن کي سلام ٿو ڪرين؟“

”نہ، تنهنجي بابي کي سلام ٿو ڪريان.“ مون تي اڃان نشا چڙهيل هئا.

پوءِ تہ ڇماٽن جو وسڪارو ٿي ويو.

”ٺاٺي تي هل تہ ٿوري مائٽ ڏيکاريان.“ هو مون کي ماريندو ڌڪا ۽ گاريون ڏيندو گهليندو پٺي ويو ۽ ماڻهن فقط تماشو ٿي ڏٺو. اڌ رستي، ٿائين منهنجا وُڙيل مان پارهن آنا نشا ختم ٿي چڪا هئا. انهيءَ عرصي ۾ هن مونکي ايترو ماريو، ايترو ماريو، جو مان نستي هوندي بہ غصي ۾ ڏڪي رهيو هوس.

ماڻهو سڀ پوئتي ٿي ويا هئا ۽ اسان اڪيلا رهجي ويا هئاسين، ٺاٺو اڃا ڳچ پنڌ پري هو. هن مون کي مارڻ بند ڪيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري پوءِ وازداريءَ جي نموني ۾ چوڻ لڳو، ”پنج رپيا ڏي ۽ ڦٽڪي ڪاڻ.“

مون انڪار ڪيو ۽ هُن وري مارڻ شروع ڪيو، لاچار مون بہ هٿ هلايا پر هو ڏاڍو نڪتو، اهڙا ٺونشا هنيائين جو منهنجي نڪ مان رت وهڻ شروع ٿي ويو. پيو حيلو وسيلو نہ ڏسي، مون رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. آوندهہ ۾ ڏٺم تہ هڪ ڪار اچي بيٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ٽيڪسي هئي. ڊرائيور ٻاهر لٿو، معاملو ڪرت سمجهي، هڪ پربو ر مٺي جو ٽڪر پوليس واري کي هنيو، پوليس وارو وڙ ڪري ڪَوڻ وانگر هيٺ ڪري پيو، ڊرائيور مون کي ٽيڪسيءَ ۾ ويهاري وٺي هليو ـــ اهو ’حسو ڊرائيور‘ هو، جنهن سان پوءِ منهنجي ياري ٿي ويئي. مون هن جو نالو ’ناخدا‘ رکي ڇڏيو هو يعني محافظ.

ناخدا ٽيڪسي هلائڻ کان اڳ ۾ بس ڊرائيور هو. هنجي بس چاڪيواڙي کان هلندي هئي ۽ فريئر روڊ، صدر، ڪينٽ اسٽيشن تان ٿيندي ڪيڏري ڳائين ويندي هئي. يعني بس جي ٽرپ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه اسٽاپ هوندا هئا ۽ هڪ ٽرپ اڌ ڪلاڪ ۾ پورو ٿيندو هو. هو پنهنجي بس جو خاص خيال رکندو هو، ڦلندري ڳالهه ڪانسواءِ هن بس جي اڳين حصي جي ٻنهي طرفن کان پٽ روا ٽنگي ڇڏيا هئا، هڪ سائو ٻيو ڳاڙهو. ڏاڻفن اعتراض به ڪيو ته ٻئو عورت جي عزت آهي، انهيءَ جو بس تي ڦڙڪڻ سٺو نٿو لڳي. بس جي مالڪ به اعتراض پڌي ڪيس جهليو هو، پر ناخدا نه مڙيو. هن جو جواب هوندو هو: ’هي بس آهي. هن کي جيترو وڌيڪ سينگاربو. اوترو وڌيڪ ماڻهو شوق سان هن کي چڙهندا.‘

پر بس ڊرائيوري هو وڌيڪ عرصي تائين ڪري نه سگهيو، بس جي مالڪ جڏهن اوور ٽائيم ڪم وٺڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪيو، تڏهن نا خدا هن سان جهيڙو ڪري نوڪري ڇڏي ڏني. بس ڊرائيوريءَ دوران مختلف ٽائيپ جي مسافرن سان واسطي رکڻ ڪري ننڍا وڏا واقعا ٿيندا رهندا هئا، پر ڪي واقعا اهڙا ٿيندا هئا، جن کي نا خدا وساري نه ٿي سگهيو. نا خدا مٺن سان مٺو آهي ۽ ٻرن سان ٻرو. هن ۾ ڪي ڪمزوريون به آهن، جيڪي عام طور سان خرابيون چيون وڃن ٿيون، يعني عورت - شراب - جوا، هو پئسا چڱا ڪمائيندو آهي، پر پئسي سان پيار نه اٿس. هڪڙي ڏينهن سنڌ زميندار هوٽل جي هيٺين شراب خاني ۾ اسان ٻئي وسڪي پئي پيتي. آچر جي ڏينهن هو ٽيڪسيءَ کي بند رکندو آهي ۽ هلڪي عياشي ڪندو آهي. سون وسڪي سوڍا سان ملائي ٿي پيتي، پر هن سادي پاڻيءَ سان. هڪ ڏيڍ پيگ پيڻ ڪانپوءِ هو کُليو. هڪ واقعو جيڪو نا خدا جي زندگيءَ ۾ حادثي سان پيش آيو هو، سو هن مونکي سُرور جي دوران ٻڌايو: ”هوءَ ڇوڪري مونکي اڃان تائين ياد ايندي آهي. هو مشڪل سان بالغ هئي....“

ڪا اهم ڳالهه يا واقعي ٻڌائڻ کان اڳ ۾ نا خدا جو پوري خمار ۾ هجڻ ضروري آهي. خمار ۾ هو ڳالهه کي بلڪل آئيني جي عڪس وانگر پيش ڪندو آهي. سندس ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ هضم ڪرڻ لاءِ وسيع قلب کپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسان جي بس جو اهو آخري ٽرپ هو، رات جو بس ۾ رش گهٽ ٿيندي آهي، خاص ڪري ليڊيز واري حصي ۾. برنس روڊ جي چوڪ ڪان هڪ ڇوڪري بس ۾ چڙهي، عمر مشڪل سان پندرهن سال هُيس.... وڻندڙ معصوم چهرو ۽ هٿ ۾ ننڍڙي ڳنڍڙي...."

ناخدا بيگ پورو ڪري وڌيڪ آرڊر ڏنو.

"آن وقت فقط هڪ ڪرڙوڊ مائي بس ۾ ويٺي هئي. اسان جي ڊرائيورن جي زندگي سخت هوندي آهي، بس وانگر پاڻ به مشين جو ڪل پرزو ٿي ويندا آهيون. سهڻي صورت جڏهن نظر ايندي آهي، ڪڏهن من کي ڪجهه راحت ايندي آهي. خير.... ڪنڊيڪٽر آيو ۽ ڇوڪريءَ کي ٽڪيٽ لاءِ پڇيائين. ڇوڪريءَ اهڙو اشارو ڪيو ڄڻ مرداني حصي ۾ سندس ڪو ماڻهو ويٺو آهي، سو ٽڪيٽ وٺندو. ڪنڊيڪٽر هڪ چڪر لڳائي پيهر آيو ۽ ڇوڪريءَ کان وري ٽڪيٽ جو پڇيائين. ڇوڪريءَ ڪو جواب نه ڏنو، ڪنڊيڪٽر ٽوڪ ۾ چيس: 'ايسا بولو، ٽڪيٽ ڪا پئسا نهيں، خالي پيلي ڪيون چڪر ديتا هي.' ڇوڪريءَ شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. پر ۾ ويٺل مائي جيڪا پاڻ ڇپاڙي رهي هئي، تنهن ٽهڪ ڏنو ۽ ڇوڪريءَ کي شڪي نگاهن سان تڪڻ لڳي. مون ڪنڊيڪٽر کي مخاطب ٿي چيو، 'پرواه نه آهي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پئسا گهر ۾ وساري به ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.‘ ڪنڊيڪٽر مشڪندو هليو ويو. منهنجي چوڻ
جو ڇوڪريءَ تي شايد ڪو اثر پيو. هن ڪنڌ مٿي
ڪيو ۽ خاموش نگاهن سان منهنجو ڇڻ ته شڪريو
ڏيئي ادا ڪيائين.“ ناخدا ٿورو رُڪيو ۽ سگريٽ
دکائي وري ڳالهه شروع ڪيائين: ”اسان جي بس
آخري اسٽاپ تي پهتي، سڀ ماڻهو لهي ويا. ٿوري
دير ڪانپوءِ بس کي واپس چاڪيواڙي تي آڻي بيهارڻو
هو، يعني اهو آخري چڪر هو. ڪنڊيڪٽر به هيٺ
لهي ويو، جيستائين ڪجهه ماڻهو بس ۾ وري چڙهن،
مونکي به هيٺ لهي پر واري هوٽل ۾ چانهه پيئڻ جو
خيال هو. پر آها ڇوڪري بس ۾ ويٺي رهي. بس هلي
ڏڌهن بہ هوءَ ويٺي رهي، هاڻي ليڊيز واري حصي ۾
هوءَ اڪيلي هئي. مون هن کان پڇ - ڻي اسٽاپ گذرڻ
ڪانپوءِ پڇيو ته ڪيس ڪٿي وڃڻو آهي. پر هن جواب
نہ ڏنو، وري پڇيومانس، پر هوءَ چپ رهي. آخري بس
اسٽاپ ڏائين سڀ مسافر لهي ويا. هاڻي اسان کي بس
کي اڏي تي پهچائڻو هو، پر ڇوڪري هئي جو چُرڻ
جو نالو نٿي ورتائين. ڪنڊيڪٽر آهستي اچي مون کي
چيو، ’استاد مال بهترين هي....‘ مون اٽڪل سان ڪيس
ٻاهر موڪلي ڇڏيو. هاڻي مان ۽ ڇوڪري اڪيلا
هئاسين. مون بس هڪ اهڙي هنڌ بيهاري، جتي ماڻهو
نہ هئا.“ ٿورو ترسي وري ڳالهه شروع ڪيائين:
”مان ڇوڪريءَ جي ڀرَ ۾ ويهي ٿوري رعب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانئس پڇيو: 'ڇا ڳالهه آهي. ڇا هوءَ گهر کان ڀڄي آئي آهي، يا ٻيو ڪو معاملو آهي؟' ڇوڪري روئڻ لڳي، مون سندس مٿي تي پيار مان هٿ ڦيريو. آخر هن مربستي ڳالهه ٻڌائي: 'هائو، گهر کان ڀڄي آئي آهيان. ماءُ پيءُ ڪونهن. چاچي وٽ رهان ٿي .... آهي منهنجي شادي هڪ ٻئي مائٽ، جيڪو رٽائرڊ آفيسر آهي، تنهن سان ڪرائڻ چاهين ٿا. پر منهنجي مرضي نه آهي. آهي مون کي ماريندا به آهن. هاڻي مان ڀڄي آئي آهيان. مون کي پاڻ وٽ رهاءِ، مان واپس نه وينديس.' ٿوري پل جي راحت هاڻي مصيبت ۾ ٿي بدلي. ڪيس نازڪ هو، ڇوڪري ننڍي عمر جي هئي، مان اهڙي مصيبت کي سِر تي کڻڻ لاءِ تيار نه هوس، پر اهڙي ڪهڙي وقت کيس ڇڏي ڏيڻ به سٺو نه ٿي سمجهيم، سو اهڙو ارادو ڪيم ته ڇوڪريءَ کي ڪيئن به ڪري صبح جو سندس مائٽن وٽ پهچائي ايندس.

"اهو سوچي هيٺ لٿس. ڪنڊيڪٽر جيڪو پريان بيٺو هو، تنهنکي سڄي ڳالهه ٻڌايم. هن چيو، 'استاد، ففٽي ففٽي،' پر مون صاف انڪار ڪيو. پوءِ کيس بس جون چابيون ڏنيئي، ڇوڪريءَ کي ساڻ ڪري وڪشا ڪيم. هاڻي مسئلو هو ته ڇوڪريءَ کي ڪٿي رهايان. مون کي پنهنجو گهر نه هو. پنهنجو گهر ته گڏريچ آهي - بس آهي - ٽيڪسي آهي. نيٺ هڪ دوست جيڪو اڪيلو رهندو هو، تنهن وٽ ويس. هن مهرباني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پنهنجي گهر جون چاٻيون مون کي ڏنيون ۽ پاڻ
ٻئي هنڌ رات گذارڻ هليو ويو. ڇوڪريءَ کي گهر
۾ ويهاري مان ماني وٺڻ ويس. اسان پنهنجن مائي ڪاڏيءَ
هوءَ پهرياڻين ته اداس رهي، پر پوءِ هن ڳالهائڻ
شروع ڪيو. معصوم معصوم ڳالهيون، ڏکن سکن
جون ڳالهيون، ماءُ پيءُ جو وڇوڙو، آئينده جو غم.
هن منهنجي اکين ۾ گهوري چيو: 'مان توسان رهنديس.
مان هتان نه وينديس. مان توکي نه ڇڏينديس. مان
هن پڊي مان شادي نه ڪنديس.' مون هن جي ڳل
تي چمي ڏني، ۽ دلاسو ڏنم. پر هن کي يقين نه ٿي آيو
۽ هر هر پئي چيائين: 'مون کي ڇڏيندين ته نه،
ڇڏيندين ته نه.'

"هوءَ اڌ رات تائين نه پاڻ سمهي ۽ نه مون کي
آرام ڪرڻ ٿي ڏنائين. منهنجي من ۾ عجيب اٿل
پٿل ٿي: 'ڇا ڪريان، ڪيس گهر پهچائڻ ٺيڪ آهي
يا پاڻ وٽ رهائڻ.... شادي رات.... ميل ميلاپ....
ڪيترا نه خوش نصيب آهن آهي، جنجي شادي خير
خوبيءَ سان ٿئي ٿي. رضامنديءَ سان ٿئي ٿي.' مون کي
الائجي ڇو اها ڳالهه دل سان نه اٿڙي ته هن ڇوڪريءَ
کي هميشه لاءِ پاڻ وٽ رهايان. داشته ڪريان يا
زال؟ شايد اوچتي معاملي ڪري گهٻراهٽ ٿي هئم يا
ڇوڪريءَ جي ننڍي عمر ڪري ڏڍاو نه پئي ٿيس.
'پوءِ ڪيس ڇو وٺي آيس؟' مون دل ۾ سوچيو. 'ڇا

هن کي ڇڏي ڏيان، پلي ڪنهن ٻئي جي ور چڙهي. اهڙين ڇوڪرين جو انجام سٺو نه هوندو آهي. اهڙين حالتن جي شڪار ٿيل ڇوڪرين جي منزل ڇڪلو يا ڪي سکهي ٿو. پرائيويٽ اڏا يا ٽي سکهن ٿا. هوءَ منهنجي گوڏي تي مٿو رکي سمهي پئي هئي. معصوم ۽ پيارو چهرو، غمن جو ستايل چهرو. منهنجي دل ته کيس سيني سان لڳايان، کيس پيار ڪريان. منهنجي گوڏي چورڻ تي هن اکيون کوليون. مون سوهيندڙ اکيون. ڇا کيس شاديءَ جي پهرين رات سک نصيب ٿيندو! پوءِ اڄ جي رات! اڄ جي رات جوان دلين جي آهي. جوان امنگن جي آهي. مون کيس سيني سان لڳائي ڇڏيو.

”ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جڏهن مان کيس سندس گهر جي ويجهو ڇڏڻ لاءِ ويس آيس ته هوءَ روئي رهي هئي. مون کيس يقين ڏياريو ته: ماڻس ملڻ لاءِ ايندو رهندس. ضرور ملندو رهندس. مون سندس ڳوڙهن کي اگهيو ۽ موڪلايم. هوءَ ويندي ويندي ڪئين پيرا ڪنڌ ورائي ڏسندي رهي، مون هٿ مٿي ڪري کيس خدا حافظ ڪيو موٽي آيس. اها منهنجي ماڻس پهرين ۽ آخري گڏجاڻي هئي.“

ناخدا جي صحت ڏينهون ڏينهن ڪري رهي آهي. ڪيڪسي ڏاڍي بي پرواهيءَ سان ٿو هلائي. هو ٽي حادثا به ڪيا اٿس. پيٽ به وڌائي ڇڏيو اٿس. نيپيئر روڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گلشن باڻيءَ سنڌس مٿان جادو ڪري ڇڏيو آهي. وڏي عمر هوندي به پنهنجي ناز نخري مان ماڻهن کي هرڪائڻ ۾ ڪمال اٿس. هڪڙي ڏينهن منهنجي سامهون ناخدا کي پنهنجي ٻانهن ۾ وڪوڙي چيائين، ”جاني.... مون زندگيءَ ۾ هزارين ماڻهو ڏٺا، پر تو جهڙو دلبر نه ڏٺم.“ ائين چئي هوءَ هاڻ ناخدا کي ڇڪي اندر وٺي ويئي ۽ در بند ڪري ڇڏيائين. آءٌ مان ٻاهر ويهي پنهنجي دوست جو انتظار ڪرڻ لڳس، جيڪو پنهنجي زندگي گهاري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽيءَ جو طوفان

مان پنهنجي هاسٽل واري ڪمري جي بالڪنيءَ کان ٻاهر جو نظارو ڏسي رهيو آهيان، قائداعظم جو مزار نظر اچي رهيو آهي پر ڌنڌ ۾، فاصلو به ته چڱو آهي، اٺ ميل واهه جا ٿيندا، جيڪڏهن تيز هوا جي ڪري مٽي نه اڏامندي هجي ته شهر جون ٻيون اوچيون عمارتون به جيڪر نظر اچن، پر اها ڪمبخت مٽي ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، الائجي ڇو، جيئن سج اڀرندو اهو مٽيءَ جو طوفان به شروع ٿي ويندو، تان جو منجهند تائين زور وٺندو ۽ جيئن سج لهندو اهو طوفان به هلڪو ٿي ختم ٿي ويندو. هاسٽل جي ديوار ٻاهران گند جو ڍير پيل آهي ۽ هن وقت قاٿل ڪپڙن ۾ ڪي عورتون ۽ ٻار گند مان شيون ڳولي رهيا آهن. گند مان ڪين ملندو به ڇا! سواءِ ٽين جي مڙيل دٻن، پڳل بوتلن ۽ ردي ڪاغذن جي.

مٽيءَ جي طوفان ڏاڍو تنگ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن در دريون بند ٿيون ڪجن ته عجيب غريب گهوگهاٽ پيدا ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪمرو کليل ڇڏيو ته سڄي مٽي اندر، انهيءَ ڪري ته شام سٺي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو منّي بس ختم ٿي گهوگهات ٻه. هلڪي
مست ڪندڙ هير پئي لڳندي، هر ڪا شيءِ صاف پئي
نظر ايندي سج جڏهن سامهون واري ٻهاڙيءَ ڪان هيٺ
لهندو آهي، تڏهن ڪهڙو نه سهانو منظر هوندو آهي!
۽ شهر جون بتيون جڏهن هڪ هڪ ڪري ٻرنديون
آهن، تڏهن ته پري ڪان سڄو شهر شيش محل وانگر
پيو نظر ايندو ۽ شام جو هاسٽل جي سامهون واري
وڪڙ کائيندڙ سڙڪ تي جڏهن اسان ٻه ٽي دوست
سئر لاءِ نڪرندا آهيون، تڏهن اها مست هوا هر ڪنهن
کي مست ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اها سڙڪ جڏهن
ڪئمپس جي چوواٽي تي اچي ختم ٿيندي، تڏهن ڪانئه
ڪا يونيورسٽيءَ جي بس شهر ڏانهن ويندي نظر ايندي
۽ ڪونه ڪو پنهنجو دوست اسان کي ڏسي ڪري
پنهنجو هٿ بس ڪان ٻاهر ڪڍي لوڏيندو ۽ اسان به
موٽ ۾ پنهنجا هٿ لوڏيندا آهيون ۽ دل ۾ چوندا
آهيون: مزاڪر يار، ايلفيءَ ۾ وڃي مزا ڪر.

شام ٿيڻ ۾ اڃا گهڻي دير آهي، اڃا ته ٽپهري
به ڪانه ٿي آهي.... ٻه ٻار پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن،
هڪڙو ٻئي جي هٿ مان ڪا گند مان لڌل شي کسي
رهيو آهي، عورتون ٻارن کي ڇڏائين ٿيون.

مان اڃا بالڪنيءَ ۾ ويٺو آهيان، اندر وڃي گهوگهات
ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان ته: ”مس
شهريار مون کي وٺي ٿي، اڄ ته نيري ساڙهيءَ ۾

ڪيتري نه خوبصورت لڳي رهي هئي، اُچي ڇهڙيءَ تي ٽڪا رنگ ايئن به ٺهندا آهن ۽ خاص ڪري سڊول بدن تي. مس شهريار ته وينس آهي، جسا پيار جي ديوي هئي، اڪثر مليوليس بلائوز ڪمر کان به ٽي انچ مٿي رکندي آهي، ايئن جهڙي وينس ديويءَ جي ڪمر، جنهن تراشيل بت لاءِ چيو ويندو آهي ته انهيءَ ۾ ڪشش خاص ان ڪري آهي جو ايئن گمان ٿيندو ڇڻ ته ڪمر کان هيٺ وارو ڪپڙو ڇاڻ ڪريو.... ڇاڻ ڪريو، پر ڪپڙو ڪرندو ته ڪونهي پر وينس جي سونهن کي دوبالا ڪري ڇڏيندو آهي. مس شهريار ڪهڙي نه پروقار نموني ۾ هلندي آهي! ۽ ڇپن ٿي مشڪ ته هميشه هوندي اٿس .... مان هن سان پنهنجي واقفيت ڪيئن ڪرايان! هوءَ ته بي ڊپارٽمنٽ جي آهي!'

مان سوچيندو رهيس. عورتون ۽ پـار گند مان شيون چونڊي هليا ويا هئا، فقط ڪي رولوڪتا گند جي ويجهو ڪجهه نوسي رهيا هئا، ٿورڙو پري ڪجهن جو هڪ ٽولو ويٺو هو، پر انهن ۾ ڪا چرپر ڪانه هئي، شايد ڪنهن اونهي سوچ ۾ غلطان هئا. اوچتو ميس جـي دريءَ مان ڪنهن نوڪر ڪڪڙن جا ڪنـب ۽ آنڊا هيٺ ڦٽا ڪيا، ڳجهن چرپر ڪئي، ڳجهن کي ويجهو ايندو ڏسي ڪتا پاسيرو ٿي ويا. ڪهڙا نـه مڪروه جانور آهن. سون ڳجهن جـي ڳچين ڏانهن نهاريندي سوچيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو خيال آهي تہ مس شهريار سان واقفيت ريحانہ جي ذريعي ٿي سگهي ٿي. ريحانہ منهنجي ڪلاس ميٽ آهي ۽ ڪيس مس شهريار سان گڏ گهمندي ڏٺو اٿم، پر نہ.... عورتون هڪ ٻئي سان حسد بہ تہ ڪنديون آهن ۽ ريحانہ منهنجي ڳالهہ جو شايد غلط مطلب وٺي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مس شهريار سان ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏي!'

يونيورسٽيءَ جا ڇوڪرا ڪوڪاڪولا پارٽيءَ جيان پيئندا آهن ۽ هميشہ ڪوڪ جي بوتل هٿ ۾ ڪنيو ڪينٽين جي ٻاهر ويٺا هوندا ۽ پيا اينڊز وينڊز ڇوڪريءَ کي ڪوڪ آڇيندا، "مس نگهت، ڪوڪ حاضر آهي." "مس رخسانہ ڪوڪ تہ پي وڃو." پنهنجو يار اصغر تہ ڇوڪرين کي ڪوڪ پياري پياري ڏاڍو مقبول ٿي ويو آهي ۽ اليڪشن جي ڏينهن ۾ وري ڇوڪرا اصغر کي ڪوڪ پيارڻ شروع ڪندا آهن، جيئن هو ڇوڪرين جا ووٽ کين ڏياري ۽ اصغر سڀني سان واعدا ڪندو آهي پر جهڙي خدمت تهڙو اجورو.

"اصغر ڪڏهن ٿو مس شهريار کي ڪوڪ پياري آهي؟" مان هڪڙي ڏينهن کانئس پڇي ويٺس.

"نہ يار اها واحد ڇوڪري آهي" جنهن کي مان ڪوڪ پياري نہ سگهيو آهيان .... ڪوشش تہ گهڻي ڪئي اٿم" وراڻيو هئائين. نہ ڄاڻ ڇو مون کي خوشي ٿي تہ مس شهريار کي اصغر ڪوڪ نہ پياري سگهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو ڪلاس ۾ پروفيسر ليڪچر ڏيندي اوچتو مون کان پڇيو ”ڪانٽ جي اصول Categorical--Imperative کي بيان ڪر.“ منهنجو خيال ٻئي طرف هو ۽ انهي سوال ڇرڪ ننڊ مان سجاڳ ڪيو هجي، سو مون کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ جواب ڏيندي هڙڪڻ لڳس، ويچاري منهنجي پرسان ويٺي هئي ۽ طنزيه مسڪرائي رهي هئي. پروفيسر چيو، ”هاها .... ڏيان ٻئي پاسي هوندو ته سوال سمجهه ۾ ڪيئن ايندو!“
ائين چئي هو ڪلاس ختم ڪري ٻاهر نڪري ويو.
طوفان زور ڏئي ويو هو ۽ ڪابه شيءِ ڏسجڻ ۾ نه پئي آئي. مزار، ڳجهون، رولو ڪتا، گند جو ڍير، سڀ طوفان جي لپيٽ ۾ اچي ويا هئا .... منهنجي اندر جو طوفان به وڏي ڇڪو هو، مون بالڪنيءَ مان ڪمري ۾ اچي ڪري سڀ در دريون بند ڪري ڇڏيون ۽ ٽيبل تي پيل ڪتاب کولي ڪانٽ جي اصولن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.... پروفيسر چيو هو ته امتحان ۾ انهيءَ تي سوال ضرور ايندو، امتحان ۾ باقي به ٽي هفتا وڃي بچيا هئا ۽ منهنجو هي آخري سال هو.... ٽيبل ڪلاڪ جو وڏو ڪانٽو تيزي سان ڦري رهيو هو.... وقت اڳتي ٻئي وڌيو.
”ڊپارٽمينٽ وارا اسان کي الوداعي پارٽي ڏيندا ۽ هميشه لاءِ رخصت ڪري ڇڏيندا.“ ويچاري هڪڙي ڏينهن آداس ٿي چيو هو.... ڪانٽ کي سمجهڻ سولو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه هو ۽ مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.
’ٺڪ ٺڪ.‘ ڪو درڪي کٽڪنائي رهيو هو،
مون ڪتاب بند ڪري در کوليو، اصغر هو. چيائين،
”صدو گهمڻ هلندين؟ اڄ پنهنجا ڪيسا پريل آهن.“
”موڊ ٺيڪ ڪونهي، ڪنهن ٻئي دفعي،“ وراڻيم.
”صدر هلي موڊ ٺيڪ ٿي ويندو.“
”نه .... ڪون وچي مزا ڪر.“
”ها هڪ خوشخبري، اڄ مون مس شهريار ڪـي
ڪوڪ پياري چڏي.“ هو داد طلب نگاهن سان ڏسندو
رهيو، پر مون کيس داد ڪو نه ڏنو ۽ خاموش رهيس،
هو هليو ويو.
هوا شيشن سان ٽڪرائي عجيب آواز ڪري رهي
هئي .... پڙهڻ به نه ٿي ٿيو.... مون ٽرانزسٽر کولي
ڇڏيو.... ’زوربادي گريڪ‘ فلم جي ڌن هلي رهي هئي،
جنهنجي موسيقار لاءِ چيو ويندو آهي ته سندس موسيقيءَ
۾ بغاوت جي بوءِ هوندي آهي .... ڌن پهريائين آهستي،
پوءِ تيز ٿيندي ويئي ۽ آخر نقطي تي اچي ختم ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معصوم پارڙا

شهر جي پسگردائيءَ کان پري، آتر پاسي، حد نظر تائين، ويراني نظر ايندي آهي. هن پاسي هڪ طرف شهر جو قبرستان آهي ته ٻئي طرف ننڍين ننڍين پهاڙن جون قطارون، جيڪي ڪنهن ڳنجي ماڻهوءَ جي ٽوڙهه وانگر ساوڪ کان بلڪل پاڪ صاف آهن. صرف ريلوي لائين انهن ٻهاڙن جي وچان لنگهندي آهي. ريل جي درين مان جيڪڏهن ڪنهن جي نظر انهن تي پوندي ته هڪ قسم جي اداسي ڇانئجي ويندي، خاص ڪري انهن پهاڙين جي لڳ هڪ قلعي نما جاءِ ڪي ڏسڻ سان ائين معلوم ٿيندو ته هن کي ٺهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سو ورهيه ضرور ٿيا هوندا. هن جاءِ جي لوهي دروازي جي مٿان هڪ بورڊ لڳل آهي، پر پراڻي هجڻ جي ڪري بورڊ جا اکر به ڊهي ويا آهن، سو معلوم نٿو ٿئي ته اها جاءِ ڪهڙي مقصد لاءِ آهي، پر ماڻهو اڪثر انهيءَ بابت ڪو خاص ڌيان نه ڏيندا آهن. ڪهڙي به مقصد لاءِ هجي تنهن سان ڪنهن جو ڪهڙو مطلب!

بهرحال هي ويران نظارو، ڳنجي ٻهاڙ جون قطارون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اها جاءِ ڪو منو تاثر ڏيندڙ نہ آهن. شايد گهڻن کي هي نظارو ڪو تاثر ئي نہ ڏيندو هجي!

جڏهن شهر جي باغن ۽ پارڪن ۾ پت ـ چڻ ٿيندي آهي ۽ ڪا دلچسپي نہ رهندي آهي، تڏهن پارڙا ٻاهر وڃڻ پسند ڪندا آهن. سو سرءُ جي هڪ صبح جو ٿي پارڙا هن پاسي گهڻ ۽ مهرجوئيءَ لاءِ نڪري پيا. ٿنهي کي پنهنجيون پنهنجيون سائيڪلون هيون. هو ڪلنڊا، ٺهڪ ڏيندا، چرچا ڪندا، سائيڪلن کي ريس ڪندا پئي ويا. شهر کانئن گهڻو پوئتي رهجي ويو هو. نيٺ جڏهن ٿڪجي پيا، تڏهن سائيڪلن تان لهي پيا. هڪڙي پاڻ سان ڪليل بہ آندي هئي، جنهن سان هن بہ ـ ٿي پکي بہ ڪيرائي وڌا. سندس نشانو سٺو هو، جنهن جي ٻين بہ تعريف ڪئي. پوءِ هو هڪ ٽڪريءَ جي صاف جاءِ تي ويهي رهيا. ڪريم، جيڪو سيني ۾ ٿورو وڏو هو، تنهن کي رومال ۾ پڪل ڪائڻ جون شيون ياد آيون، سي هن ڪيڏي ڪري سيني جي اڳيان رکيون ۽ ٿنهين ڪائڻ شروع ڪيو. هنن لاءِ هيءَ هڪ ننڍڙي پڪنڪ هئي.

آسمان تي ننڍڙا ننڍڙا ڪڪر نظر ٿي آيا. سج بہ هڪ ڪڪر جي هيٺان لڪل هو، هوا تيز هئي جا ڪڪرن کي چڙوچڙ ڪري رهي هئي، جڻ تہ هڪ ڪشمڪش هئي هوا ۽ ڪڪرن جي وچ ۾. حميد کي فقط سوئيٽر پيل هو. هوا جي تيزيءَ جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. باوجود ان جي جو تيز سائيڪل هلائيندي سيئي ڏڪجي پيا هئا. هوا جو هڪ تيز جهونڪو آيو. حميد سيءَ جي خيال کي مٽائڻ لاءِ ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”دوستو! خير اڄ تہ عيد جي اچڻ ۾ باقي گهڻا ڏينهن آهن؟“ ”صرف پندرهن ڏينهن.“ هن پنهنجي سوال جو جواب پاڻ ڏنو. هوا جو هڪ جهونڪو وري آيو ۽ حميد چپ ڇوريا: ”هن عيد لاءِ بابي مون کي پنهنجي پسند جا ڪپڙا وٺي ڏنا آهن.... بوسڪيءَ جي قميص، شلوار ۽ نوان بوٽ.... ها .... جن کي پٽا نہ هئڻ شوز چوندا آهن.“

رياض چيو: ”پٽا نہ هئڻ تہ منهنجا بوٽ بہ آهن .... منهنجي قميص ڪيريلين جي آهي، ريڊي ميڊ.“

ڪريم پنهي ڏانهن رشڪ آميز نظرن سان ڏٺو ۽ ڪاٺ بند ڪيو. ”يارو مان تہ هن عيد تي نوان ڪپڙا نہ پائيندس .... اسان جي گهر وارن مان ڪوئي بہ نہ پائيندو.“ هن چيو. ”ڇو!“ ”ڇا جي ڪري؟“ حميد ۽ رياض عجب مان پڇيو.

”منهنجي ناني کي مئي صرف ٻي مهينا گذريا آهن، هڪ سال تائين اسين ڪا بہ خوشي نہ ڪنداسين.“

”منهنجو ڏاڏو جڏهن مري ويو هو، تڏهن تہ اسان هڪ سال تائين غم نہ ڪيو هو.... ڇون پيا تہ ڏاڏي پنهنجا ڏينهن پورا ڪيا هئا، تنهن ڪري صرف چاليهہ ڏينهن غم لاءِ ڪافي آهن.“ رياض چيو، هن بہ ڪاٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪري ڇڏيو هو.

"اسان جي وسم ۾ آهي ته پورو سال خوشي نه ڪجي." ڪريم چيو.

هوا جو هڪ تيز جهوٽو وري آيو. حميد ڪجهه سوچي پوءِ چيو: "ماڻهو ڀلا مري ڇو ٿو؟"

"جنهن جا ڏينهن پورا ٿين ٿا، اهو مري ٿو." ڪريم مٿل پڪين ڏانهن نهاريندي جواب ڏنو.

"مون کي ته موت کان ڊپ ٿيندو آهي." رياض ڏڪندڙ لفظن ۾ چيو."

"مون کي به." حميد سندس خيال سان همراهه ٿيو، جڏهن ڪوئي مرندو آهي تڏهن به مون کي ڏاڍو ڀؤ ٿيندو آهي ۽ رات جو ننڊ به نه ايندي اٿم."

حميد کي وڌيڪ ميءُ محسوس ٿيڻ لڳو.

"موت کان ڊڄڻ نه گهرجي .... مرڻو ته سڀني کي آهي .... جنهن جنهن جا ڏينهن پورا ٿيندا ويندا، اهو مرندو ويندو." ڪريم اطمينان سان چيو. سڀ خاموش ٿي ويا.

بادلن ۽ هوا جي ڪشمڪش جاري هئي، پر سج هاڻي ڪڪرن کان ٻاهر هو. ٿوري دير ڪانپوءِ رياض ڪجهه سوچي چيو. "پر ڏينهن ڇو ٿا پورا ٿين؟"

ڪريم کي هن سوال جو جواب ڀاڻ کي به نه پئي آيو ته ڏينهن ڇو ٿا پورا ٿين، سو ڳالهه کي مٿائڻ لاءِ هن نامعلوم قلعي نما جڳهه ڏانهن اشارو ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو: ”يارو اوهان هن پاسي ڪڏهن ويا آهيو؟“
ٻين ٻنهي ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏيو. ڪريم چيو:
”پوءِ هلو ته اها جاءِ ڏسي اچون.“ — ”هلو هلو“ ميني تائيد ڪئي ۽ هو سائيڪلون اتي ئي ڇڏي، جاءِ جي طرف پنڌ پيا.

ريلوي لائين جي جڏهن ويجهو پهتا، تڏهن اها قلعي نما جاءِ کين صاف نظر اچڻ لڳي. جاءِ جي بناوت ۽ ماحول ٻارن تي عجيب تاثر قائم ڪري ڇڏيو. کين اها شهزاديءَ واري ڪهاڻي ياد اچي وئي، جا اهڙي ئي هڪ قلعي ۾ قيد هئي ۽ هميشه شهزادي جي آس ۾ قلعي جي دريءَ وٽ ويهي صبح شام ٻاهر نهاريندي رهندي هئي ته شهزادو ايندو ۽ کيس انهيءَ قلعي مان آزاد ڪرائيندو. سو ٽيئي ٻار ان ڪهاڻيءَ جي اثر هيٺ اچي، جاءِ جي ويجهو پهتا.

ان ڇهن منزلن جي جاءِ کي هيٺ مٿي انيڪ در ۽ دريون هيون جن جو رنگ اڏامي ويو هو. سڀني اشتياق ۽ اچرج مان مٿي نهارڻ شروع ڪيو ته متان ڪنهن دريءَ مان اها شهزادي پنهنجو درشن ڏيکاري ۽ ڪهاڻي سچ ثابت ٿي پوي — پر ڪنهن به دريءَ مان ڪهاڻيءَ واري شهزادي نظر نه آئي.

ڪي دريون بند هيون ته ڪي کليل. درين مان ماڻهو چرندا پرندا پئي نظر آيا، جن جو عجيب حليو هو. ڪن درين مان تمام گدلا ماڻهو پئي نظر آيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي جا وار وڏيل، ڏاڙهيون مڇون ٻيڙوليون، ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل. ڪي ماڻهو ٻين کان ڪجهہ صاف ۽ سٺا پئي نظر آيا، پر ڪن درين مان اهڙا ٻـہ ماڻهو پئي نظر آيا جيڪي نہ رڳو گـدلا ۽ خوفناڪ شڪلين جـا هئا، پر بلڪل اُنگ اگهاڙا هئا ۽ ڪن درين مـان عورتون بہ نظر پئي آيون، جن جو حال بہ ساڳيو هو. جاءِ مان عجيب غريب شور ۽ گوڙ ٻـاهر ٿي آيو. ٻارڙا ڦاٽل اکين مان اهـو نظارو ڏسندا رهيا، سندن دلين جـي ڌڙڪن وڌندي پئي ويئي، خوف ۽ عجب کان، ڇاڪاڻ تہ هنن اهڙو نظارو اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. ايتري ۾ ڪنهن ٻاهر دريءَ مان هيٺ نهاريو ۽ نگاهہ وجهي ٻارڙن تي پيس. ٻارڙن کي ڏسندي ئي سندس منهن عجيب نموني ٿي ويو ۽ رڙ نڪري ويس. هو ٻين کي سڏڻ لڳو ۽ هيٺ، اشارا ڪرڻ لڳو. ٿوري ئـي دير ۾ ميڙني درين مان صورتون پئي نظر آيون. خوفناڪ ۽ گدليون، جن جون نگاهون هيٺ ٻارڙن ۾ کتل هيون. انهن پنهنجي رڙين ۽ ڪوڪن مان آسمان مٿي تي ڪري ڇڏيو. ڪي تہ ٻارڙن کي مٿي اچڻ لاءِ اشارا ڪرڻ لڳا. ٻارڙن تي ڄڻ مسمريزم جو اثر ٿي ويو هجي. هو اُتي ئي ڄمي ويا هئا، سندن بدن مان طاقت نڪري ويئي هئي، چهري جو رنگ اڏامي ويو هين، چپ خشڪ ٿي ويا هـن. رڙيون ۽ ڪوڪون مسلسل جاري هيون. آخـر ڪريم ٿوري همٿ ڪري پاڻ کي ڇوريو ۽ ڏڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز ۾ رياض ۽ حميد کي مخاطب ٿي چيو: ”اڙي هتان پڇڻ جي ڪريو، نه ته هي چريا اسان کي ماري ڪاٺي ڇڏيندا.“ ايتري چوڻ سان هو اڳتي وڌيو ۽ ٻنهي جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي کين پوئتي گهلڻ لڳو. آخر ٽيئي آهستي آهستي پوئتي هٽندا ان جاءِ کان گهٽو پري نڪري ويا. جڏهن آن هنڌ اچي پهتا، جتي پنهنجون سائيڪلون ڇڏي ويا هئا، تڏهن وڃي سندن بدن ۾ ساهه پيو ۽ پر ڊپ جا آثار اڃا سيني جي چهرن تي هئا. خاص ڪري حميد جي عجيب حالت هئي. سندس بدن اڃا ڏڪي رهيو هو ۽ دل جي ڌڙڪن گهٽ نه ٿي هيس. اهي ڪوڪون ۽ رڙيون سندن ڪنن ۾ پڙاڏو ڪري رهيون هيون ۽ خوفناڪ گدان چهرن جو نظارو سندن اکين کان دور نه ٿيو هو.

جڏهن پارڙا پنهنجي گهرن ڏي پئي موٽيا، تنهن وقت سيني جا هانو ڳورا هئا. پيو ڪجهه به ياد نه هين، سواءِ ڪوڪن ۽ رڙين جي، وات ٿي کين ماڻهن جو هڪ هجوم نظر آيو، جيڪو فوٽپاٿ تي پيل هڪ لاش جي چوگرد گهيرو ڪري بيٺو هو. اهو هڪ فقير جو لاش هو، جيڪو ٿڌ ۾ ٺري مري ويو هو. پارڙا دلين تي هڪ بار وڏيڪ محسوس ڪرڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون تجربو

شمون ۽ رجب هڪڙي ئي پاڙي ۾ رهندا هئا ۽ ننڍي هوندي کان ئي گڏ پڙهندا پئي آيا ۽ هاڻ مئٽرڪ ۾ اچي پهتا هئا. شمون جو پيءُ گوديءَ ۾ مزور هو ۽ رجب جي پيءُ کي چوڪ ۾ دڪان هو. رجب جي پيءُ جڏهن رجب جي ماءُ سان شادي ڪئي هئي، تنهن وقت سندس عمر چاليهه ورهيه هئي، سندس پهرين زال جيڪا فوت ٿي وئي هئي، تنهن مان ڪو اولاد ڪونه هوس. رجب سندن اڪيلو پٽ هو، وڏيڪ اولاد جي اميد لاهي ويٺا هئا، شايد هو پوڙهو ٿي چڪو هو. شمون کي هڪڙو ننڍو ڀاءُ پڻ هو.

پئي ننڍي هوندي جا سنگتي هئا، گڏ اسڪول ويندا هئا ۽ ڪلاس ۾ پڻ گڏ ويهندا هئا. شمون جو گهر ڪچو، سوڙهو، نه روشني، نه هوا، پر رجب جو گهر ڪشادو ۽ پڪو هو. ماستر گهر جو ڪم ڏيندو هو ته پئي گڏجي ڪندا هئا، رجب جي گهر ۾. رجب حسابن ۾ ڪچو هو، تنهن ڪري شمون سندس واهر ڪندو هو. پاڙي جا اهي ٻه ئي ٻيا ڇوڪرا اهڙا هئا، جيڪي مئٽرڪ تائين پڙهندا پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيا، نه ته ٻيا ٻار جهڙڪي گهڻو ڪري مزورن جا پٽ هئا، سي چار- پنج درجا پڙهي، ڪنهن نه ڪنهن مجبوريءَ يا رول ٽيڻ ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ سڄو ڏينهن اوڙي پاڙي ۾ پيا تاس ۽ جوئا ڪندا هئا يا سئنيمائن جا ٽڪا ڪمائيندا هئا، ان ڪري جهيڙن جا شوقين ٿي پيا هئا.

هڪڙي ئي پاڙي ۾ رهندي، اسڪيل ويندڙ ڇوڪرا ۽ اسڪول نه ويندڙ ڇوڪرا هڪٻئي کان بلڪل ڌار ته نٿي ٿي سگهيا، آخر ساڳي ئي طبقي جا ته هئا، پر ڪجهه ويڇو ضرور ٿي ويندو آهي. ٻيا ڇوڪرا شمونءَ ۽ رجب تي مڙندا به هئا، تنهن ڪري طرح طرح جون گاريون ڏاهي کين بدنام ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندا هئا. انهيءَ تي شمونءَ هڪ- ٻن ڇوڪرن کي مار به ڪيڏي هئي. هو ٻت جو پريل ۽ اسڪول جي فٽ بال ٽيم جو ڪئپٽن پڻ هو. رجب شرميلو ۽ نازڪ طبيعت جو هو پر کيس شمونءَ تي فخر هو ۽ ڀروسو پڻ. جڏهن شمون فٽ بال راند ڪندي ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان هڪٻئي پٺيان گول ڪندو ويندو هو، تڏهن رجب جوش ۾ اچي زور زور سان تاڙيون وڄائيندو هو ۽ جڏهن مئچ ختم ٿي ويندي هئي، تڏهن ڊڪندي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائيندا هئا. سندن خوشيءَ جي ڪا حد نه هوندي هئي.

شمونءَ جو پيءُ صبح جو سوير مزوري لاءِ ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻيون پوتڙي ۽ ٻڏي نڪرندو هو ۽ سانجهي ڪري موٽندو هو.... ٽڪل ٽڪل. ماني ڪاٿي يا تہ ڪٽ تي ليٽي پوندو هو، يا ٿوري دير لاءِ پاڻ جهڙن يارن سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ نڪري پوندو هو. ڪيس اها تہ ڄاڻ هئي تہ شمون اسڪول ۾ پڙهندو آهي، پر ڇا پڙهندو آهي يا ڪهڙي درجي ۾ آهي، تنهن جي خير ڪا ڄاڻ هئس. ايتري خبر ضرور هئس، تہ شمون هي سال پڙهي ڪنهن نہ ڪنهن، پر مون رهڻ واري نوڪري جي لائق ٿي ويندو .... سو انهيءَ مبارڪ ڏينهن جو انتظار پئي ڪيائين، جڏهن شمون ڪمائي گهر جو بار گهڻو ڏيندو.

هڪڙي ڏينهن شمونءَ جڏهن ڪانئس اسڪول جي في ۽ ڪتابن لاءِ ڏهن رپين جي گهر ڪئي، تڏهن سندس وايون بتال ٿي ويون. جيڪو شخص مزوري ڪري مس ٽي - چار رپيا ڪمائي ٿي سگهندو ۽ جنهن مان پڻ اٺ آنا پنهنجي چانهہ - بيڙيءَ تي خرچ ٿي ڪيائين، سو هڪ وقت ۾ ڏهہ رپيا ڪٿان ٿي آڻي سگهيو! شمونءَ جي ماءُ پنهنجو پنڌارو پڇي پئسا ٻاهر ڪڍيا، پر اهي پڻ پنجن رپين ڪان مٿي ٿي نہ سگهيا. ماڻس اڳيئي پاڙي وارن جي قرضدار هئي، تنهن ڪري هاڻي ڪنهن کان قرض ملڻ جو آسرو بہ نہ هوس. آخر ماءُ جي دل .... پئسن لاءِ هيڏانهن هوڏانهن وئي، پر هٿين خالي موٽي آئي.

شمون جڏهن اٺٽل منهن سان رجب جي گهر ويو، ان وقت رجب گهر ۾ نہ هو .... رجب جي ماءُ هوڻ ۾ تہ سخت طبيعت جي هئي ۽ اهڙي تهڙي رول چوڪري کي پنهنجي گهر اچڻ ئي نہ ڏيندي هئي، پر شمون کي پاڻ ۾ پائيندي هئي .... رجب شمون جي سارا ڏينهن جا ڏڪ پريندي پنهنجي گهر ۾ هڻ جو سان مٽي ڪري ڇڏيو هو.

”چو شمن! تنهنجو منهن اڄ لٿل آهي .... ڇاق تہ آهين؟“ رجب جي ماءُ شمون جي ڪاڏيءَ تي هٿ رکندي پڇيو.

”ها ماسي .... ايئن ئي ٿورو مٿي ۾ سور اٿم .... پلا رجب ڪيڏانهن ويو؟“

”ڪم سان ٻاهر ويو آهي، ويهہ اجهو آيو ؟“

دنياداريءَ کان واقف تہ نہ هو، ڳالهين ڳالهين ۾ پنهنجي ويڪن ظاهر ڪري ويٺو ۽ رجب ـ ماءُ جهٽ پيٽيءَ مان ٽيهہ رپيا ڪڍي ڪيس آڏي ڏنا ۽ هن آناڪاني تہ گهڻي ڪئي پــــر نيٺ وٺڻا پيس .... ايترو جلد سندس مسئلو حــل ٿي ويندو انهيءَ تي تعجب ضرور ٿيس ۽ احسانمنديءَ کان ڪنڌ جهڪي ويس.

انهيءَ کان پوءِ تہ شمون رجب تي ساهہ ڇڏيندو هو، پاڻ پڙهڻ ۾ ايتري محنت نہ ڪندو هو، جيتري رجب کي حسابن سيکارڻ ۾ صرف ڪندو هو .... ڪين پڙهڻ لاءِ الـگ ڪمرو مليل هو، جڏهن پڙهائي ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري شمون گهر موٽندو هو، تڏهن اڪثر رات گهڻي گذري چڪي هوندي هئي ۽ ڪڏهن ايئن به ٿيندو هو جو گهڻي دير پڙهڻ ڪري شمون اتيئي سمهي پوندو هو، رجب سان گڏ. شروع ۾ گڏجي سمهندي ڪين شرم ايندو هو، پر آهستي آهستي اهو شرم ختم ٿي وين .... پيئي گهرا دوست جو هئا.

”رجب! مان ته غريب جو پٽ آهيان، شايد اڳتي پڙهي نه سگهان .... تون جڏهن ڪاليج جي پڙهائي پوري ڪري، ڪنهن ڏينهن صاحب ٿيندين تڏهن مون کي وساريندين ته نه ....“

”وساريندين ته نه.... وساريندين ته نه....“ رجب سندس نقل ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ٻيئي کلڻ لڳا.

ٻيئي ڪڏهن ڪڏهن وسندا به هئا پر ٿوري عرصي لاءِ. هڪڙي دفعي پورو هفتو رٺل رهيا ۽ ساڳين ئي ڏينهن ۾ مئٽرڪ وارن شاگردن واهه جي ڪپ تي پڪنڪ ڪئي هئي ۽ سڀ واهه ۾ وهنجي رهيا هئا، ٻئي رٺل هئا، تنهنڪري هڪٻئي سان نه پئي ڳالهايائون .... وهنجندي هڪڙي ڇوڪري چرچي ۾ رجب کي گهوتا ڏنا، رجب کي ترڻ گهٽ ايندو هو سو ذري گهٽ ٻڏڻ لڳو.... شمون پهرين ته اهو سمجهه نه سگهندو رهيو. پر جڏهن ڏٺائين ته رجب مورڳو ٻڏي پيو، سو هڪدم ڇلانگ هڻي رجب کي ٻاهر ڪڍي آيو ۽ انهيءَ ڇوڪري کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائين. ان واقعي ڪانپوءِ ٻيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري پرچي پيا.... اڳ جهڙا.

شهر جي ڪاليجن ۾ جڏهن امتحانن ٿيڻ لڳيون، تڏهن اسڪولي شاگردن به حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ هر هنڌ جلوس ۽ جلسا ٿيڻ لڳا. شمون ۽ هن جا ساٿي ڏاڍي جوش خروش سان انهن ۾ حصو وٺڻ لڳا. رستن ۾ پوليس ۽ شاگردن جي وچ ۾ چڪريون پيون لڳنديون هيون ۽ هڪڙي چڪريءَ ۾ شمون به پوليس جي ور چڙهي ويو ۽ پنهن ساٿين سان گڏ گرفتار ٿي ويو. شاگردن لاءِ ته هيرو ٿي ويو پر گهر وارن جي ننڊ حرام ٿي ويئي. آخر هڪ هفتو اندر رهڻ کان پوءِ شمون ضمانت تي آزاد ٿيو، سندس ضامن رجب جو پيءُ ٿيو هو، انهيءَ ڪم لاءِ ڪيس اڻ ڏينهن دڪان بند ڪرڻو پيو.... پر رجب ۽ رجب جي ماءُ جي اصرار کان منهن موڙي نٿي سگهيو.

امتحان جي تاريخن ۾ ڪجهه واڌارو ٿيو، جنهن ڪري ٻنهي جي گڏيل پڙهائي ڪجهه سست ٿي ويئي هئي، پر هڪ سبب پيو به هو، شمونءَ کي منهن تي جڏهن کان ساوڪ آئي هئي، هو زائفن جي سامهون ايندي شرمائيندو هو، تنهن ڪري رجب جي گهر اچڻ گهٽائي ڇڏيو هئائين. ٻئي ڄڻا اڪثر ٻاهر ملندا رهندا هئا. ٻنهي جي سڪ ۾ ڪا گهٽتائي نه آئي هئي. هن عمر ۾ جيڪو پهچي ويندو آهي سو اڪثر عجيب غريب خيالي دنيا ۾ رهندو آهي، پنهنجن جذبن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشن ڪي مختلف رنگن سان پرپندو رهندو آهي. شمون ۽ جي هوائي محل ۾ جيڪي مستقل ڪردار رهيا پئي، انهن ۾ هڪ ڪردار رجب جو به هو، جنهن سان هن جو جذباتي لڳاءُ رهندو پئي آيو. سندس خوابن ۾ راحت ڏيندڙ اهوئي ڪردار هو. خوابن کان پوءِ بيخوابي ته ايندي ئي آهي ۽ خوابن ۾ ڪردارن سان گڏ سندن پاڇا به هوندا آهن ۽ ڪڏهن پاڇولن جو اثر ڪردارن کان به وڌي ويندو آهي، جيڪي ماڻهن کي ڇرڪائي ۽ ڊيڄاري ڇڏيندا آهن. اهڙا ڇرڪائيندڙ خواب شمون ۽ کي به اچڻ لڳا، ڪڏهن هو خواب ۾ ڏسندو هو ته ڪا وڏي ڇپ سندس مٿان ڪري رهي آهي. ڪڏهن ڏسندو هو ته ڪو حيوان نما انسان کيس سوگهو جهلي گهٽا ڏيئي رهيو آهي ۽ هو پاڇولن کان جند ڇڏائڻ لاءِ خواب ۾ مدد لاءِ وڙيون به ڪندو هو ”رجب .... رجب .... رجب ....“ ۽ جڏهن ڇرڪ پري اکيون پٽيندو هو، تڏهن پگهر ۾ شل هوندو هو، پر اهڙا ڀيانڪ خواب ورلي ڏسندو هو ۽ جلد وساري ڇڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن منجهند جو جڏهن مينهن پئي پيو، تڏهن شمون ۽ پنهنجي گهر ۾ ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ڪچي ڇت ٽمڻ لڳي، هو بيزار ٿي گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ رجب سان ملڻ جو ارادو ڪري هن جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. هن رجب کي ٻاهران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيھي آواز ڏنو پر رجب سڌ تي ٻاھر نہ نڪتو، تڏھن ھو گھر جي اندر داخل ٿيو. رجب ـ ماءُ انھيءَ وقت وھنجي وراندي ۾ وارن کي ڦڻي ڏيئي رھي ھئي، جن ۾ ھڪ اڇو ٻہ نہ ٻيو ھو. ڪانئس معلوم ٿيو تہ رجب پنھنجي پيءُ جي ھٽ تي ويٺو آھي ۽ پڻس ڪنھن ٻئي ڀاسي دعوت تي ويل آھي.

شمون جڏھن واپس پئي وريو تڏھن رجب ـ ماءُ ڦڙونو رکي چوڻ لڳي، "شمن ڪاڏي ٿو وڃين .... ويھہ. رجب اچي ويندو.... ميھن ۾ پنھنجا ڪپڙا آلا ڪندين!"

شمونءَ جا ڪپڙا تہ اڳيئي آلا ٿي چڪا ھئا، جيڪي سندس بدن کي چھنيا پئي. ھو ڪٽ جي پيرانديءَ تي ويھي رھيو.

"ڏس پنھنجا ڪپڙا تہ آلا ڪيا اٿئي!" شمونءَ جي پٺيءَ تي ھن ھٿ ڦيريو ۽ اکين ۾ گھوري ڏٺائينس. پوءَ کيس ڳراٽڙي پائي اندر وٺي ويئي، اونداھي ڪوٺيءَ ۾.

پوءِ ھن ايئن محسوس ڪيو ڄڻ تہ سندس مٿان ڪا ڇت ڪري پئي. ڪا ڏيڻ ھئي جنھن ۾ ھو گھڙندو ٿي ويو. مدد لاءِ ھن رڙيون ڪرڻ چاھيون ٿي، "رجب .... رجب .... رجب." پر ھو رڙيون ڪري نہ سگھيو.

سندس ھوائي محل اڄ ڍھي پيو. سندس خواب اڄ ٽٽي پيا. اڄ ھن دوکي جي دنيا جو پيش ڪيل اڪ جو ڪير چکيو ھو. کيس اڄ نئون تجربو ٿيو ھو.

ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي

صديق جڏهن ڏهه پندرهن رومانی ۽ غير رومانی ناول پڙهي چڪو هو ته ان کي پنهنجي مشهور رسالن "فلمستان" ۽ "اعليٰ ادب" جي انهن سمورن افسانن کي پڙهي پورو ڪيو جن جي ليکڪن بابت هن ٻڌو هو ته اهي هن دور جا چوٽيءَ جا افسانه نگار ڪري ليکيا ويندا آهن. تڏهن کيس به شوق جاڳيو ته ڪو افسانو لکي ادبي دنيا ۾ نالو ڪڍي.

پوءِ هن هڪ افسانو لکيو ۽ دوستن کي چانهه پياري کين اهو پڙهي ٻڌايو. جيڪو هنن ڏاڍو پسند ڪيو ۽ کيس صلاح ڏني ته اهو افسانو ڪنهن رسالي ۾ ضرور شايع ڪرائي.

صديق دوستن جي صلاح تي (اهڙو خيال سندس پنهنجو به هو) هڪ صبح جو تيار ٿي افساني جا پنا پنهنجي هٿنڊ بيگ ۾ وجهي هليو رسالي "آفتاب مشرق" جي آفيس ڏانهن. رسالي "آفتاب مشرق" جو ايڊيٽر الحاج شمس الدين جيڪو هميشه صبح جي وقت وڏين فرمن کي اشتهارن لاءِ ٽيليفون پيو ڪڙڪائيندو هو ۽ اهي وري جند ڇڏائڻ لاءِ پيا سچا ڪوڙا وعدا ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿان، جڏهن صديق کي هٿڙ بيگ سان آفيس ۾ گهڙندي ڏٺو تڏهن سمجهيائين ته پڪ هن ماڻهوءَ جي ٿيلهي ۾ رسالي لاءِ ڪي اشتهار هوندا، سو اٿي ڪري صديق سان ڏاڍي اخلاق سان مليو ۽ ڪرسي تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيائينس.

”فرمايو ڪهڙي فرم جا اشتهار آندا اٿو؟“ ”مائين اشتهار ته ڪنهن به فرم جا نه آهن پر هڪ افسانو اوهان جي خدمت ۾ آندو اٿم.“ صديق ٿيلهي مان افساني جا پنا ڪڍي ايڊيٽر کي پيش ڪيا.

ايڊيٽر پنهنجي بي صبريءَ جي ڪري شايد ڦڪو ٿيو هو سو پشيمانيءَ کي لڪائڻ لاءِ منهن تي مرڪ آڻي چوڻ لڳو: ”واه واه افسانو.... واه واه .... ڏسون ته ڇا لکيو اٿوَ!“ ائين چئي هن افساني کي ڇڪاسڻ شروع ڪيو. پنجن منٽن ۾ هن افسانو پڙهي پورو ڪيو، پوءِ منهن گهنجائي چوڻ لڳو: ”ذرا افساني جي زبان ادبي پيماني جهڙي نه آهي .... افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته اڄ جا نوجوان پنهنجي ادبي ۽ ثقافتي ورثي کان غافل ٿي ويا آهن .... هو مشرق جي روايتن کي ڇڏي مغرب جي روايتن جي پيروي ڪري رهيا آهن .... ڪو وقت هو جڏهن اديب عالم ۽ فاضل اهو سمجهيو ويندو هو جيڪو عربي ۽ فارسي جي دولت سان مالامال هجي.... پر اڄ.... مثلن اوهان جو هي افسانو....“ هن تقرير کي جاري رکندي چيو، ”ڇا هيئت آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا مواد آهي؟ چا موضوع؟ ڪجهه خبر نہ ٿي پوي.
هي افسانو جيڪڏهن منهنجي رسالي ۾ شايع ٿئي تہ
پوءِ هن رسالي ۽ هڪ واڻڪي مخزن ۾ ڪهڙو فرق
ٿيندو؟"

"سائين هي افسانو تہ محض هڪ نفسياتي تجزيو
آهي، سمبلز جي بنياد تي ...."

صديق جي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي ايڊيٽر چيو،
"مان سمبل ومبل نہ ڄاڻان .... سمبل .... نفسيات ....هي
محض شيطانيت آهي ۽ منهنجو رسالو هميشہ اهڙي
شيطانيت کان پاڪ صاف پئي رهيو آهي ۽ انشا الله
پاڪ صاف ئي رهندو. مهرباني ڪري منهنجو وقت نہ
وڃايو، کڻو پنهنجو افسانو." ايڊيٽر پنهنجو آخري فيصلو
ڏيئي ڇڏيو.

صديق افسانو کڻي پويان پير ڪيا. من ۾ سوچيائين:
"غلط جڳهہ تي اچي ڦاٿس، پر همت نہ ٿي هارڻي.
ڪنهن ٻي هنڌ بہ ڪوشش ڪرڻ کپي." صديق
هٿن ۾ بيگ لوڏيندو، لوڏا هڻندي ۽ لونڊون وڃائيندي اچي
رسالي "جوت" جي آفيس ۾ پهتو.

"جوت" جو ايڊيٽر رفيق شفيق، صديق کي پنهنجي
آفيس ۾ گهڙندو ڏسي ڏاڍي پيار سان چوڻ لڳو:
"اچ پيارا اچ .... ڀلي آئين .... مون لاءِ ڪا ڪار
خدمت؟" هن ائين چيو ئي چُپ تہ صديق کي ورهين کان
سڃاڻندو هجي. صديق ايڊيٽر جو مُنهن روئيو ڏسي پر اميد

ٿي چوڻ لڳو، ”ايڊيٽر صاحب مون هڪ افسانو پهريون دفعو لکيو آهي، اوهان جيڪڏهن تڪليف نہ سمجهو تہ پوءِ مهرباني ڪري هن تي هڪ نظر وجهي ٻڌائيندا تہ اهو ڇپجڻ جي لائق آهي يا نہ؟“

ايڊيٽر افسانو وٺندي چيو ”پيارا اسان تہ هميشه نون لکندڙن جي همت افزائي ڪندا آهيون. جيڪڏهن افسانو اسان جي ڌانو وٽان هوندو تہ ضرور ڇپبو.“

ايڊيٽر افسانو پڙهندو پئي ويو ۽ صديق سندس منهن جي اوڀارين لهوارين کي جاچيندو ٿي رهيو. ايڊيٽر افسانو پڙهي پورو ڪري چوڻ لڳو، ”پيارا هن . خيال کان تہ هي تنهنجو پهريون افسانو آهي، پوءِ اهو ضرور ڇپبو تہ سٺي ڪوشش آهي ۽ خاص ڪري نفسياتي تجزيو وٺندڙ آهي، پر ٻوليءَ جي لحاظ کان ....“

”ٻوليءَ جي لحاظ کان؟“ صديق آتاولو ٿي پڇيو.

”ها ٻولي جي لحاظ کان افساني ۾ ڪجهہ گهٽتائي آهي .... مطلب تہ افساني جي ٻولي خالص ۽ نج نہ آهي.“ خالص ۽ نج تي زور ڏيندي ايڊيٽر چيو.

”خالص ۽ نج مان اوهان جو ڪهڙو مطلب آهي؟“ صديق پڇيو.

”خالص ۽ نج مان مقصد آهي تہ افساني جي ٻولي ٺيٺ هئڻ کپي.... مطلب تہ اصل، نج، خالص ۽ ٺيٺ لفظ استعمال ڪرڻ کپن پر تنهنجي افساني ۾ فارسي ۽ عربي لفظن جي ڀرمار آهي.“ ايڊيٽر سمجهائيندي ڏيندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”عجيب ڳالهه آهي.... ڪو ٿو چوي ته افسانيءَ ۾ غير عربي ۽ غير فارسي لفظ گهٽا آهن ۽ اوهان فرمايو ٿا ته فارسي ۽ عربي لفظن جي ڀرمار آهي.... مون ته صرف عام ۽ روز مره جي ٻولي ڪتب آندي آهي جيڪا عام طور ڳالهائي پئي وڃي.“

”پيارا عام ٻولي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي ۽ ڳالهه ته هميشه هر رسالي جي هڪ پاليسي هوندي آهي ۽ اسان جي به هڪ پاليسي آهي،“ ايڊيٽر دوستاڻي نموني چيو.

”پوءِ اها حقيقت نگاري ته نه ٿي!“ صديق رڪائي سان چيو.

”پوءِ اها ڪئي اسانجي مجبوري سمجهو.“ ايڊيٽر افساني جا پنا صديق کي موٽائيندي چيو.

صديق پنن کي مروڙي ٻيگ ۾ وڌو ۽ موڪلائڻ ڪانسواءِ ڪمري کان ٻاهر نڪري گهر پهتو پر اها ڳالهه هن دوستن سان نه ڪئي.

شهر مان ٻه رسالا پيا به نڪرندا هئا جن مان هڪ ته گهٽو جهونو هو ۽ پنهنجي ظاهري ماڪ به قائم رکندو ٿي آيو ۽ ٻي پرچي کي نڪرندي ٻه ٽي سال مس ٿيا هئا پر نواڻ ۾ ٻين ميڻي وسالن کان گوءِ ڪٽي ويو هو. ٻئي ڏينهن صديق نهي منٻري اڳ ۾ جهوني رسالي جي آفيس پهتو. انهيءَ وقت ايڊيٽر ڪنهن سان فون تي ڳالهائي رهيو هو. ڳالهه ختم ڪري پوءِ

هڪدم لکڻ ۾ لڳي ويو ۽ صديق کي ڏنو ويو اڻ ڏٺو ڪيائين.

صديق کي جڪ ته ڏاڍا پئي آيا پر صبر ڪري خاموش ڏسندو رهيو. ڪم ختم ڪري ايڊيٽر منهن مٿي ڪيو ۽ ڪيس بيٺل ڏسي پڇيائين ”حڪم؟“

صديق ڪيس افساني جا پنا ڏنا. ايڊيٽر افساني کي مٿاڇرو ڏسي پوءِ ڪاغذن کي هڪ پراڻي فائل ۾ وجهي ڇڏيو ۽ پڇيائين: ”مهربان اوهان جو نالو؟“

”صديق.“

”صديق.... صديق!“ ايڊيٽر نالي کي ورجائيندي ڪنڌ ۾ پيل ڪيٽ کوليو ۽ هڪڙو فائيل ڪڍي ڏسڻ لڳو جنهن جي پاهران چٽي نموني ۾ لکيل هو ”بليڪ لسٽ.“ ايڊيٽر نالن جي لسٽ پڙهڻ لڳو ۽ هڪ هنڌ بيهي چيائين: ”ها.... صديق بيدار“ وري صديق ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو: ”مهربان اوهان اختلافي نوعيت جا افسانا ۽ مضمون لکندا رهيا آهيو.... مهربان اسان اهڙي مواد کي پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪرڻ کان قاصر آهيون.“

”سائين منهنجو نالو محمد صديق آهي، صديق بيدار ڪو ٻيو هوندو، منهنجو ته هي پهريون افسانو آهي.... اوهان ڀليا آهيو.“

”مهربان مون کي ڦاسائڻ جي ڪوشش نه ڪر. مان پڇڙيوال ماڻهو آهيان!“ ايڊيٽر هاءِ لائيٽ جو سگريٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڪانئي وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. صديق مايوس ٿي پنا ڪڇي ٻاهر نڪتو.

جديد رسالي جو ايڊيٽر ساڳي ڏينهن تي ڪيس ملي نه سگهيو ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن هو ٻوڪ اسٽالن تان رسالي جي وڪري جا پئسا اگاڙڻ ويو هو. ٻئي ڏينهن ايڊيٽر سان صديق جي ملاقات ٿي. جيئن ته هن جي رسالي جي ڪا مقرر آفيس نه هئي تنهن ڪري هو صديق کي پر واري ريسٽورينٽ ۾ وٺي ويو. چانهه جو آرڊر ڏنو ويو ۽ ٻنهي رسمي طور هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو.

”ادا ڏاڍي خوشي ٿي اوهان سان ملي ڪري.... افسوس آهي جو ڪالهه اوهان آيا هئا پر آئون موجود نه هوس.... ڇا ڪجي ڏاڍي مصروفيت هوندي آهي. ايڊيٽري به ڪريون، پاڻ به لکون، ٻين جي اصلاح به ڪريون، پروف به ڏسون، وقت تي رسالي ڪڍڻ جو به فڪر، ڪو خوش ته ڪو ناراض، خريدار گهٽ، ڪاغذ مهانگو اصل مصيبت آهي.“ ايڊيٽر چوڻ لڳو.

”ها سائين اوهان کي آفرين هجي جو ادب ۽ ٻوليءَ جي ايڏي خدمت پيا ڪريو.“

”ڇا ڪجي نياڻو آهي پوءِ قدر ٿئي يا نه ٿئي.“

”قدر نيٺ ٿيندو“ صديق افساني جا پنا، موقعي مصلحت کي مناسب سمجهي کيس ڏيندي چيو.

افساني تي سرسري نظر وجهي ايڊيٽر چيو ”افسانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اسان وٽ ڏڪ پيا آهن. گهڻن جا افسانا تہ ٻن ٻن سالن کان وٽي رکيل آهن، پر وارو نہ آيو آهي.“

ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو: ”تنهن هوندي بہ اوهان جو افسانو جيتوڻيڪ تمام مختصر ٿو لڳي پر ڪائي ڳالهہ ڪانهي، جيڪڏهن سٺو هوندو تہ پوءِ ٿورو گهٽو وڌائي شايع ڪنداسين پر اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن تائين انتظار ڪرڻو پوندو.“

صديق پنهنجي بي وسيءَ تي سوچيندي چيو، ”جيئن اوهان جي مرضي.... پر ڇا اوهان ٻين جي افسانن کي بہ وڌائيندا گهٽائيندا آهيو؟“

”اهو تہ هر ايڊيٽر کي اختيار هوندو آهي. اسان جي رسالي ۾ مشڪل سان اهڙو ڪو افسانو ڇپيو ويو هوندو جنهن کي اسان ٿورو گهڻو وڌايو يا گهٽايو نہ هجي.“

صديق موڪلائي واپس موٽيو ۽ هر مهيني رسالي ۾ پنهنجي ڪهاڻي کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ اهڙي طرح سان اميد ۽ نااميدي جي ڇڪتاڻ ۾ ڇهہ مهينا بہ پورا ٿي ويا پر سندس ڪهاڻي نہ ڇپي. هڪڙي ڏينهن هن وٽ ايڊيٽر جو ڪارڊ پهتو جنهن ۾ لکيل هو:

ادل،

افسوس آهي تہ اوهان جو افسانو اسان کي پسند ڪونہ آيو. افساني جون خاميون هيٺين ريت آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪهاڻي جاندار نہ آهي. ڊائيلاگ زوردار نہ آهن، ڪردار نگاري چڱي طرح سان نہ ڪئي ويئي آهي ۽ افسانو ڪو تاثر نہ ٿو ڇڏي، اصلاح ڪرڻ بہ مشڪل آهي. تڪليف معاف ڪندا."

نيازمند

ع - غ سودائي.

ڪارڊ جي پٺيءَ پاسي رسالي جي خريداري جا اگهہ ڇپيل هئا. 'هڪ سال لاءِ 30 رپيا. سڄي حياتي لاءِ هزار رپيا. خاص نمبر خريدارن کي مفت ڏنا ويندا.

رسالي جا خريدار ٿي پوليٰ ۽ ادب کي زور وٺايو.

نوٽ:- سڄي حياتيءَ لاءِ رسالي جي خريداري جي خواهشمند سڄڻ کي هڪ عدد فوٽو بہ موڪلڻ کپي جنهن کي آرٽ پيپر تي شايع ڪيو ويندو.'

صديق ڪارڊ کي بہ ڏيئي دفعا ابتو سبتو ڪري ڏٺو ۽ پڙهي ڦاڙي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه لاش

اسان جي ڪمپارٽمينٽ ۾ ٿورا ماڻهو هئا ۽ سڀ مستل، سواءِ منهنجي ۽ پرواري هڪ همسفر جي. ريل بولان جي پهاڙن تان ترڪندي ميداني علائقي ڏانهن پهچڻ لاءِ آتي هئي، ٻاهر اوندهه انڌڪار هو ۽ ريل جي گڙ گڙ.

مون ڪي سفر ۾ ننڊ ڪانه ايندي آهي، نه ڪي پڙهڻ ۾ مزو سواءِ سگريٽن جي سوٽن جي. منهنجو همسفر جهڪي روشنيءَ ۾ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو، هو چاليهن ورهين جي لڳ ڀڳ هو ۽ پنهنجي ننڍڙي ڊائري ۾ ڪجهه لکي رهيو هو. ٿوري دير کانپوءِ هن ڪتاب رکيو ۽ مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳو، "اوهان کي ننڊ نه ٿي اچي؟"

"مون کي سفر ۾ ننڊ گهٽ ايندي آهي."

"سنڌي آهيو؟"

"هائو."

"ڪيڏانهن ٿا وڃو؟"

"سکر."

"سکر!" هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ خاموش ٿي ويو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪيس سگريٽ آڇيو جيڪو هـن قبول ڪيو ۽ دکاڻي پيئڻ لـڳو.

مون چاهيو پئي تہ هو ڳالهائي جيئن وقت ڪٽجي وڃي پر هو ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هو، مان ڪيس تڪي رهيو هوس، اهو احساس ڪري هو سوچ جي دنيا ڪان موٽي آيو ۽ سگر جي گرمي ۽ ترقيءَ بابت پڇڻ لڳو، پوءِ پنهنجو قصو اورڻ لـڳو :

”انسان جي ڪهاڻي ڪڏهن بہ نئين نہ ٿيندي آهي چاڪاڻ تہ زندگي بہ جڳن کـان ساڳي رينگٽ سان هلندي پئي اچي پـر هر دور ۾ هر ساعت کي پنهنجي نواڻ هوندي آهـي ۽ ان جو دارومدار انهن واقعن تي آهي جيڪي انساني زندگيءَ ۾ ٿيندا رهـن ٿا، اسان سڀ زندگيءَ جا ڪردار آهيون ۽ هر ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻي هوندي آهي ۽ منهنجي بہ هڪ ڪهاڻي آهي جيڪا مان اوهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو چاڪاڻ تہ انهيءَ ڪهاڻيءَ جا ڪي ڪردار اوهان جي شهر جـا آهن.... مان ۽ اوهان هڪ ٻئي کـان اڻ واقف آهيون ۽ اسان ٻنهيءَ جو سفر ۾ ساٿ فقط چند ڪلاڪن جـو آهي، پوءِ شايد حياتيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڪڏهن بہ ملي نہ سگهون تنهن ڪري مون کي انهيءَ راز کي کولڻ ۾ ڪو الڪو ڪونهي، اميد تہ توهان انهيءَ ڳالهہ کي هڪ خيالي افسانيءَ کان وڌيڪ اهميت نہ ڏيندا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهان دلجاءِ ڪريو.“ چيم.

”مگر جو ٿالو پڙي مون کي هڪڙي پراڻي ڳالهه ياد اچي ويئي، اها انڪل ويهه ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي يا ايئن کڻي سمجهه تہ منهنجي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو حادثو.“ هو رڪيو، صرف اهو ڏسڻ لاءِ تہ مان سندس ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان يا نہ ۽ مون کي سنجيدو ڏسي هو وري شروع ٿيو: ”اوهان جي شهر جو هڪڙو رهواسي ٿالي ارجن جو تن ڏينهن ۾ ڪوئٽا جي هڪ سرڪاري محڪمي ۾ ايس. ڊي. او هو ۽ پٽيل روڊ تي اسان جي گهر جي سامهون هڪ ڪرائي جي جاءِ ۾ رهندو هو.... هو هڪ سهڻو جوان هو ۽ ٿازو شادي ڪري آيو هو، مان انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس.... روز شام جو زال مڙس گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ مان ڪڏن پنهنجي پڙهڻ واري ڪمري مان تڪيندو رهندو هوس.“ هو ٿورو رڪيو.

”اوهان ڪهڙي سال جي ڳالهه ڪريو؟“ مون ڪانئس پڇيو. ”1947 وارو سال .... هلچل وارو زمانو هو ۽ اسان شاگرد بہ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو وٺندا هئاسي، هنگاما، اسٽرائيڪون، جلسا جلوس روز پيا ٿيندا هئا.“

مون آڏي ڪري سامهون واري دري بند ڪري ڇڏي جنهن مان سٽي اچي رهي هئي، هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”هن جي زال ڏاڍي سهڻي هئي، مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون خوبصورت عورتون تمام گهٽ ڏٺيون آهن .... پٺي هڪ پٺي کي ڏاڍو پائيندا هئا.... مون کي ايس. ڊي. او. جي چوائڻ تي وشڪ ٿيڻ لڳو ۽ آخر اهو وشڪ حسد ۾ بدلجي ويو. منهنجو سڪون ۽ آرام ختم ٿيڻ لڳو ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپي ختم ٿيندي ويئي .... مان عورت کي شدت سان چاهڻ لڳس ۽ هميشه انهيءَ تاڪ ۾ رهندو هوس ته سندس اک مون سان لڳي وڃي، رات ڏينهن سيلاب جا پور پڇائيندو رهندو هوس ۽ سندس مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ اڪثر هنن جي گهر جي در وٽ ڦيرا پائيندو هوس پر سڀ بي فائدي .... هوءَ ڏاڍي بي نياز عورت ثابت ٿي، پر مان هڪ ناتجربيڪار ۽ ناسمجهه هوس جو اها ڳالهه به ڪونه سمجهي سگهيس ته هڪ ڪامياب شاديءَ ۾ هڪ جوان عورت لاءِ سندس جوان مڙس ديوتا مثل هوندو آهي .... مان پنهنجي جوانيءَ جي اندڌي جوش ۾ هوس ۾ پاڳل ٿيندو ويس ۽ پنهنجي شڪست جي بدلي کي اهڙي طرح پورو ڪيم جو سڄي زندگي پنهنجي ڪئي تي پڇتايان ٿو." هو سچو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڳالهائڻ ۾ هٻڪڻ لڳو.

"انهيءَ سال ڏاڍا فرقيوارانه فساد ٿيا، لٽ مار، قتل غارت عام جام ٿيڻ لڳا، هڪڙي ڏينهن مون ڏٺو ته ايس. ڊي. او لڏڻ جي تياري ڪري رهيو آهي، هو پٺي ڏينهن وڃڻ وارا هئا .... مان پنهنجي محبوبا

جو وڇوڙو برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوس ۽ سواءِ
ڪيس زبردستي هٿ ڪرڻ جي ٻيو ڪو چارو نہ ڏٺم.
انهيءَ رات مان ۽ منهنجا ٻہ چار ساٿي هٿيارن سان
ليس ٿي، منهن ڍڪي هنن جي گهر ۾ گهڙي پيا سين.
هو ٻئي هڪ ئي پلنگ تي ستا پيا هئا، کڙڪي ٿي
جاڳي پيا ۽ اسان کي هٿيارن سان ڏسي هيسجي ويا،
هوءَ هڪدم پنهنجي مڙس سان چنبڙي ويئي، خنجر جا
ٻہ ٽي وار سندس مڙس تي ٿيا ۽ هو آفت مري ويو.
مڙس جي بچائڻ ۾ عورت کي بہ هلڪا ڇيها رسيا پر
تنهن هوندي بہ هن مڙس جي جسم کي نہ ڇڏيو، اسان
جو مقصد عورت کي مارڻ جو نہ بلڪ هٿ ڪرڻ
جو هو تنهن ڪري ڪيس مردي جسم کان ڇڏائڻ جي
گهڻي ڪوشش ڪئي سين، ڪيس خنجر جا هلڪا ڇهڪ
بہ ڏناسين پر تڏهن بہ هن لاش کونہ ڇڏيو. هلڪا
ڇهڪ تيز ۽ گهرا ٿيندا ويا، مان پنهنجي هوش ۽ جوش
۾ پاڳل ٿي ويس ۽ هڪڙو خنجر ٻئيءَ کان سندس
دل ڪائين پهچي ويو ۽ هوءَ مري ويئي ۽ مرندي بہ
هن پنهنجي مڙس جي جسم کي نہ ڇڏيو.... هڪ ٻئي
سان چنبڙيل ٻن لاشن کي رت سان ڀريل بستري ٿي
ڇڏي اسان موٽي آياسين." هو خاموش ٿي ويو، ٻہ
ڳوڙها سندس ڳلن تي ڪريا، هن منهن ڦيري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ٻوءِ بهار جي....

سالن کان پوءِ پنهنجي شهر آيو هوس، دوستن سان ملڻ لاءِ دل بيچين هئي، شام جو ڪين گهولڻ لاءِ سنڌن پراڻي اڏي ”ڪيفي شيراز“ روانو ٿيس. هلندو رهيس ۽ ذهن ۾ پراڻيون ڳالهيون ۽ يادون فلمي سين وانگر اينديون ٿي رهيون، ڪيفي جي اندر وارو ماحول، شاعرن، اديبن ۽ ڪاليج جي شاگردن جا نه ڪٽندڙ بحث مباحثا، ڪيفي جي لذيذ چانهه ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪيفي جي مالڪ آقائي جي وڻندڙ شخصيت ۽ پياريون پياريون ڳالهيون. سوچي رهيو هوس ته ايترن سالن کان پوءِ ملڻ تي آقائي مون کي الائجي سڃاڻيندو يا نه!

نيٽ پارڪ وٽ اچي پهتس جنهن جي اڳيان ڪيفي شيراز هوءَ پر ڏٺم ته ڪيفي جي بلڊنگ جي ٻاهران هڪ بورڊ ٽنگيل هو جنهن تي لکيل هو ”فيڊرل انشورينس ڪمپني“.... مطلب ته ڪيفي شيراز آتان ڪڄي ويو هو، جاءِ کي نئون روغن ڏنو ويو هو. مون کي اچرج کان وڌيڪ صدمو پهتو، ائين محسوس ڪيم ڄڻ ته پنهنجي ڪا قيمتي شيءِ وڃائي ويٺو هوس جنهن جو پڇتاءُ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان انهن خيالن ۾ غلطان هوس جو ڪنهن پٺيءَ تي هلڪو ڌڪ هڻي چيو: ”اڙي يار جيئرو ته آهين.... اهڙي به ڪهڙي جدائي!“ ڏٺم ته نثار هو پنهنجو جگري دوست، پاڪر پائي ملياسين.

”يار ڪيفي شيراز ته بند ٿي ويو........ اڄڪلهه پنهنجو اڏو نشاط ريسٽورينٽ آهي، هل ته هتي هلون.“ نثار چيو.

مان انشورينس ڪمپني جي بورڊ ڪي حسرت سان ڏسندو رهجي ويس.

ڪيفي شيراز جي زوال جو قصو نثار هيئن ٻڌايو ته ڪيفي جي بلڊنگ جڏهن کان هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي ڪليم ۾ ملي هئي تڏهن کان آهو شخص آقائيءَ کي تنگ ڪندو رهندو هو ته بلڊنگ خالي ڪري ۽ قبضو ڇڏائڻ لاءِ هن شخص آقائيءَ تــي ڪيس بـه ڪيو جيڪو آقائيءَ کٽيو هو. جڏهن هن شخص ڏٺو تـه قانوني طرح مان جاءِ خالي نه ٿي ٿئي تڏهن هن ٻيا حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ هيءَ پروپئگنڊا ڪرڻ لڳي ته آقائي پنهنجي پرچار جي ذريعي نوجوانن جا ذهن ڏو خراب ڪري. هڪ دفعي رات جو جڏهن ڪيفي جي بند ڪرڻ جو وقت هو تڏهن ماڻهن جي هڪ ٽولي اندر داخل ٿي ڪيفي جو سمورو فرنيچر ۽ ٻيو قيمتي سامان ٽوڙي ڦوڙي ڇڏيو ۽ آقائيءَ کي به ڌڪ هنياڻون. ٻئي ڏينهن آقائي ٽپڙ ٻڌي هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏي ويو تنهن جي خبر ڪونہ پئي.

نشاط ريسٽورينٽ جي اندر چاتل سجاتل چهرا نظر اچي رهيا هئا، پنهنجا پراڻا ساٿي ۽ دوست مليا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين کان پوءِ ڳالهہ وري آقائي جي نڪتي.

حسن چوڻ لڳو: ”يار آقائي تہ يار باش ماڻهو هو.... جڏهن پيسا ڪندا هئا تہ پوءِ آقائي جون ڳالهيون بہ ٻڌندا هئاسين ۽ سندس مفت جي چانهہ بہ پيئندا هئاسين....... باقي سندس ٻرچاو جو اسان جهڙن آزاد خيال ماڻهن تي ڪهڙو اثر پيو جو اجايو ڪيس بدنام ڪيو ويو!“ ۽ پنهنجي مفت خوريءَ جو سلسلو بہ بند ٿيو.“ رشيد چيو.

”مان تہ سمجهان ٿو تہ آقائي جي زوال جو اصل سبب هيءُ هيو جو اوهان جهڙا ڪنگلا ڪنگلا شاعر ۽ اديب ڪلاڪن جا ڪلاڪ صرف هڪڙي چانهہ جي ڪوپ تي ٽيبلون والاري ويهندا هئا ۽ ماني بہ اوڌر تي کائيندا هئا ۽ جيستائين آقائي پاڻ پيسن جي گهر نہ ڪندو هو تيستائين ڏيڻ جو خيال ئي نہ ڪندا هئا.“ رفيق چيو.

”کون تہ چڱ شرافت جو پتلو هئين.... آقائي جا چمچا.“ نثار چيو ۽ سڀ کلڻ لڳا.

سو اهڙي طرح آقائيءَ جون ڳالهيون هلنديون رهيون جيڪو ريڊيو کي ريڊيو، ڊبل روٽي کي ڊبل روٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوندو هو، حافظ شيرازي جا شعر پڙهائيندو هو، مهڻن سان سهڻو هوندو هو ۽ سکر جي گرميءَ ۾ شيراز جي بهارن کي ياد ڪندو هو.

هڪ دفعي شهر ۾ ڪاليجي شاگردن اسٽرائيڪ ڪئي، ۽ جلوس ڪڍيو، پوليس هنن تي ڏاڍي لاٺي چارج ڪئي، ڪن ڇوڪرن ته بچ بچاءَ ۾ اچي ڪيفي ۾ پناه ورتي، آقائي جڏهن ڏٺو ته پوليس وارا ڪين پڪڙڻ لاءِ اچي رهيا آهن تڏهن هن ڇوڪرن کي اسٽور روم ۾ اڪائي ڇڏيو، پوليس وارن آقائيءَ کان پڇا ڳاڇا ڪئي، آقائي پنهنجو چهرو اهڙو بڻايو جڻ ته کيس ڪنهن ڳالهه جي ڄاڻ ئي نه هئي، پوليس وارا هيڏانهن هوڏانهن نهاري واپس هليا ويا.

ڪاليج جي اليڪشن جي ڏينهن ۾ ته ڪيفي ۾ بهاري اچي ويندي هئي، رات جو يارهين بجي تائين ڪيفي ڇوڪرن سان ڀريو پيو هوندو هو، مختلف گروپن جي زور شور سان ڪنويسنگ هلندي رهندي هئي ۽ آقائي سڀني اميدوارن جي ڪارڊن سان پنهنجو ڪائونٽر سينگاري ڇڏيندو هو.

سال ۾ صرف هڪڙو ڏينهن اهڙو هوندو هو جڏهن ڪيفي شيراز بند رهندو هو، سو هو نوروز جو ڏينهن.

ڳالهيون هلنديون رهيون، نشاط ريسٽورينٽ جو مالڪ اسان کي غور سان تڪي رهيو هو، شايد اسان کي ويٺي ڪهڙي دير ٿي ويئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ سالن کان پوءِ اخبار ۾ هڪ ننڍڙي خبر پڙهيم تہ فورٽ سنڊيمن ۾ ڪنڌيل محاذ جي مڏ تي سڄي شهر ۾ هڙتال ڪئي ويئي ۽ شهر جا سڀ دوڪان ۽ هوٽل بند رهيا. اتفاق سان ڪيفي شيراز جو هڪ دو ڪليل ڏنو ويو ۽ مشتعل هجوم اندر گهڙي ڀڃ ڊاهہ مچائي ڏني ۽ ڪيفي جو مالڪ آقائي پاڻ بچائيندي مارجي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳياڙها ڳل پيلا ڳل

”مس شاهده جو رنگ گورو آهي.... وار ڊگها اٿس ۽ هوءَ ايتري قدر ته حسين ۽ جميل آهي جو پريون به ڪيس ڏسي ڪري شرمائجي وڃن.... هن جا جسماني خطوط ايترا ته دلڪش ۽ هوش ربا آهن، جو آرٽسٽ به ڏسنديئي بيقرار ٿي وڃي.“ غفار هاسٽل جي روم ۾ گهڙنديئي اعلان ڪيو.

”واه واه، واه واه، ڪهڙي نه لاجواب شاعري آهي.“ حڪيم تاڙي وڄائيندي چيو.

”اها شاعري نه، پر حقيقت آهي.“ غفار حڪيم کي پٺيءَ تي ڌڪ هڻندي چيو.

”اسان جي خبر رسان ايجنسي.... اهو ته ٻڌاءِ مس شاهده ڪير آهي.... ڪهڙي ڊپارٽمينٽ جي آهي.... ڇا پڙهندي آهي؟“ غلام رسول چانهه جي ڪيٽلي هيٽر تي رکندي چيو.

”منهنجو اڄ ئي هن سان تعارف ٿيو آهي.... هوءَ سوشيالاجيءَ ۾ ايم. اي ڪري رهي آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون سال اٿس.“

”تعجب آهي جو اڄ تائين اسان کيس ڪونه ڏٺو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ملاقات تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي.“ سليم Life مخزن مان نظر مٿي ڪندي چيو.

”منهنجا راجـا اِندر، مس شاهده منفرد شخصيت جي مالڪ آهي، هوءَ تنهنجي اِندر سڀا جي راڻي بڻجي نہ سگهندي.“ غفار چيو.

”هون، چڻ تہ منهنجي سڀا ۾ ڪا راڻين جي کوٽ آهي!“ سليم مخزن جي ورقن کي اٿلائيندي چيو.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو چارئي يار ٽپ ٽاپ تي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪوريڊور ۾ ڦيريون پائڻ لڳا ۽ هڪ هڪ ڇوڪريءَ کي غور سان ڏسندا رهيا.

”هوءَ آ شاهده .... اڇي ساڙهيءَ ۾.“ غفار اشارو ڪندي چيو، ۽ ايئن چئي هو ٻين کي ڇڏي شاهده ڏانهن وڌڻ لڳو، پر شاهده ساڻس هڪ منٽ ڳالهائي پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڏانهن تڪڙي هلـي وئـي، غفار موٽي آيو.

”مس شاهده جو پيرئڊ هو، تنهنڪري تڪڙ ۾ هئي، ساڻس يارنهين لڳي ڪئنٽين ۾ ملاقات ٿيندي.“ غفار چيو.

”واقعي حسين آهي. گهٽ ۾ گهٽ آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ پهريون نمبر کيس ڏيڻو پوندو.“ غلام رسول ججمينٽ ڏيئي ڇڏي.

”مان سمجهان ٿو تہ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ اهڙي ڪا بہ حسينہ نہ هوندي.“ حڪيم ٽيڪو ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم ڪنڌ لوڏيندو هليو ويو. شايد راجا اِندر جون راڻيون انتظار ڪري رهيون هيون، ڪنهن لان ۾. ڪئنٽين ۾ غفار، شاهده جو تعارف پنهنجي ساٿين سان ڪرائي رهيو هو:

”هي آهي مسٽر غلام رسول، اسان جو ڊان جان، هي آهي مسٽر حڪيم عرف جالينوس، ۽ هي آهي مسٽر سليم، اسانجو راجا اِندر..... اسين سڀ هاسٽل جي هڪڙيئي بلاڪ ۾ رهندا آهيون.“

”مس شاهده .... اوهان جو غائبانه تعارف مسٽر غفار يعني اسانجي خبر رسان ايجنسيءَ، اڳ ۾ ئي ڪرائي ڇڏيو آهي.“ غلام رسول چيو.

”سو به شاعريءَ ۾.“ حڪيم ٽيڪو ڏنو.

”اها ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو مسٽر غفار شاعر به آهي.“ شاهده کلندي چيو.

”اسان جو خبر رسان، شاعري ته ڇا پر هر فن ۾ ماهر آهي.“ سليم ٺٺين ڊزائين جي پائپ کي اسٽائيل سان پيئندي چيو. سڀئي کلڻ لڳا. غفار سمجهيو ته سندس تعريف ٿي رهي آهي، سو شروع ٿي ويو پنهنجي شعر ۽ شاعريءَ ۾.

شاهده جو هنن سان رلي ملي وڃڻ هڪ وڏي ڳالهه هئي، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽيءَ جا وڏا وڏا شاهينگ ماڻس بي تڪلف ٿيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندا هئا، پر ڪامياب نه ٿيا. پوءِ ڇوڪرا، ڪين شاهده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان گهرو ڏيندو ڏسي ساڙ کائيندا هئا. ڊان جان جيڪو
بدن جو مضبوط ۽ سانوري رنگ جو هو، پر محمد علي
ڪلي وانگر پاڻکي دنيا جو خوبصورت ماڻهو سمجهندو
هو، تنهن هڪدم مهيني جي ملندڙ خرچيءَ مان پنهنجي
لاءِ هڪ شوخ ريشمي اسڪارف ۽ ٻه بشرٽ خريد
ڪيون، جيڪي نئون فيشن واريون هيون. حڪيم
پنهنجي حرفت سان، ڊان جان کان هڪ بشرٽ ڦٻائي
ويو. مطلب ته چارئي يار گهٽ يا وڌ چريا ٿي پيا
چوڪريءَ جي پويان. سليم جيڪو وڌيڪ تجربيڪار
۽ حرصي هو، تنهن هڪدم شاهده کي هڪڙي ڏينهن
موقعو ڏسي، فلم ڏسڻ جي دعوت ڏيئي ڇڏي، جيڪا
شاهده قبولي • پنهين فلم ڏسڻ کان پوءِ 'الفاروق' ۾
ماني به کاڌي. سليم انهيءَ رات هاسٽل دير سان آيو،
پر خوشي جي بجاءِ منهن تي اداسي ڇانيل هيس.

هن اڪيلائيءَ جو وجهه وٺي شاهده سان ڇيڙڇاڙ
ڪئي هئي، پر شاهدهٔ کيس چٽرپ ڏيندي چيو هو،
"مان يونيورسٽي گرل ضرور آهيان، پر ڪال گرل
ناهيان .... مون کي خبر نه هئي ته تون عام رواجي
دوستيءَ جو غلط مطلب وٺي اهڙي ذلالت جو مظاهرو
ڪندين." ايئن چئي شاهده کيس ڇڏي پنهنجي گهر
هلي ويئي هئي. هن کي شاهده جا لفظ ور ور ڪري
ياد اچي رهيا هئا. راجا اِندر سان اهڙو واقعو ورلي ٿيو
هوندو، جو کيس پسند واري چوڪري حاصل ڪانه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي هجي. هن اهو واقعو ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايو ۽ نہ وري شاهده انهيءَ جي شڪايت ڪنهن ٻئي سان ڪئي. شاهده انهيءَ واقعي کان پوءِ بہ سليم سان کلي ڳالهائيندي هئي. سليم پنهنجي اندر سيپا ۾ مشغول رهندي شاهده کي وساري ڇڏيو. حڪيم ۽ غفار شاهده کي الڳ ڳهائڻ لاءِ وٽي وجڻ جي همت ساري نہ سگهيا، نہ وري خرچ لاءِ ايترو پئسو هئن. پر ڳڏيل تفريحي پروگرامن ۾ سيئي شريڪ ٿيندا هئا. شاهده جي ڪمپنيءَ جو لطف ماڻيندا هئا، البت غلام رسول هڪ بہ دفعو شاهده کي فلم تي وٺي ويو هو ۽ ڪلفٽن بہ گهمڻ لاءِ ويا هئا. شاهده کي غلام رسول کان ڪنهن بہ قسم جي شڪايت نہ ٿي. ڪيس غلام رسول جي ڪردار ۽ بي ساختگيءَ متاثر ڪيو. غلام رسول جنهن منڊوءَ جو منڙو پاڻي پي ڪري، پنهنجو من، پيار جي سينڌ سان پُر ڪري ڇڏيو هو، سو شاهده لاءِ هڪ آئيڊل ساٿي ثابت ٿيو. پر هڪڙي ڏينهن جڏهن هن اڪيلائيءَ ۾ شاهده کي چيو، ”وڻڪي جيڪڏهن تو جهڙي جيون ساٿڻ ملي وڃي، تہ پوءِ مان پاڻ کي دنيا جو خوش نصيب انسان سمجهندس .... ڇا تون مون سان شادي ڪندينءَ؟“

شاهده جي اکين ۾ پاڻي تري آيو، چيائين، ”توکي خبر آهي منهنجو پورو نالو ڇا آهي .... منهنجو پورو نالو شاهده جمشيد مارڪر آهي .... مان پارسي خاندان

سان تعلق رکان ٿي.... پارسي پڻ سان سڱابندي ڪري نہ ٿا سگهن."

غلام رسول کي پهريائين تہ جهٽڪو لڳو، پر پوءِ چيائين، "تون منهنجي ڪري پنهنجو عقيدو بدلائي سگهين ٿي."

"سان عقيدو بدلائي سگهان ٿي، پر پنهنجي پوڙهي پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي ڪانہ ٿي سگهان .... سون ڪان سواءِ آهي جيئرا رهي ڪونہ سگهندا."

گهٽا سال گذري ويا. هڪڙي ڏينهن غلامرسول جيڪو اپر سنڌ ۾ ڪنهن هنڌ سرڪاري ملازم ٿي ويو هو ۽ شادي شده پڻ، ڪنهن ڪم سانگي ڪراچي آيو. شام جو صدر جي ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ گهمي رهيو هو ۽ وقت گذارڻ لاءِ پئي Window–Shopping ڪيائين، تہ ڪيمس پري ڪان شاهده جي مهاندن جهڙي هڪ عورت ساڙهيءَ ۾ هڪ ٿلهي ۽ پوڙهي شخص سان ايندي نظر آئي. ها .... اها شاهده هئي. ويجهو ايندي شاهده کيس سڃاڻي ورتو ۽ بيهي رهي، ٻئي مليا ۽ شاهده کيس پوڙهي سان تعارف ڪرائيندي چيو، "منهنجو Husband فيروز مهتا .... مئنيجنگ ڊائريڪٽر مهتا ڪاربان انڊين فيڪٽري."

پوءِ شاهده سندس تعارف پنهنجي پوڙهي سائيءَ سان ڪرائيندي چيو، "مسٽر غلام رسول، اسين گڏ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا هئاسين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهي ڪـلـي چيو، ”هي هي هي .... يونيورسٽي
ميٽ .... هي هي هي .... اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي
ٿـي.“

شاهده ڪيس پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏيندي چيو،
”ڪڏهن توهان اسان وٽ اچي لنچ ڪائيندا.“

پوڙهي به چيو، ”ها ها ضرور اچبو، پر سان ته ان
وقت فيڪٽريءَ ۾ busy هوندس، خير شاهده اوهان
سان ڪمپني ڪندي، هـي هـي هـي.“ سندس ڏنـد
ٻـڪـل هئا.

شاهده جي شادي هڪ پوڙهي سان! اهو غلامرسول
تصور به نـه ٿي ڪري سگهيو ۽ ڪيس صدمو پهتو،
دنيا هڪ عجيب ناٽڪ آهي ۽ اسان انهيءَ ناٽڪ جا
ڪٺ پتلا ۽ ڪٺ پتليون آهيون .... اسان سان پڌل
مضبوط سڳا اهڙن راڪاسن جي هٿن ۾ آهن، جنـڪي
ڪو ڏوڙي به نه ٿو سگهي. ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل
اهو جملو سندس ذهن تي تري آيو. ايلفيءَ جي رنگينيءَ
سان هاڻي ڪيس مزو نه پئي آيو.

شاهده جي ڏنل ائڊريس تي، هو ٻي ڏينهن هائوسنگ
سوسائٽيءَ جي ماڊرن ڊزائين جي بنگلن جي نمبر پليٽن
کي چڪاسيندو، جڏهن هڪ بنگلي جي ٻاهرين لـڳـل
پليٽ تي مذڪور نمبر ڏٺائين، تڏهن بيل وڄايائين.
هڪ نوڪرياڻيءَ ڪيس اندر وٺي آئي. شاهده سندس
انتظار ڪري رهـي هئي. سينگاريل ۽ مسحور ڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرائينگ روم هڪ وڏو شو روم معلوم ٿي رهيو هو،
جنهن ۾ هر شيءِ نفاست ۽ سليقي سان رکيل هئي،
ريڊيو گرام، ٽي - وي سيٽ، صادقين جون پينٽنگس،
پلاسٽڪ فلاورس، وغيره وغيره.

نوڪرياڻي ٻنهي لاءِ ڪولڊ ڊرنڪس رکي هلي
وئي ۽ پوءِ ٻئي اڪيلا رهجي ويا. شاهده کي هڪ
سنهي اڇي رنگ جي ساڙهي پيل هئي ۽ وار کليل
هيس. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ڪونه هيا. هن شاهده
جي نماڻين اکين ۾ چتائي ڏسڻ کان پوءِ محسوس ڪيو،
ته انهن ۾ ويرانيءَ، اداسيءَ، رڃ، ڏک ۽ بک جي
پاڇولن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. شاهده جي
ڳلن جي ڪشميري صوفن جهڙي لالائي به ختم ٿي
وئي هئي، هوءَ سفيد ساڙهيءَ ۾ چرلڊڙ ڦرندڙ لاش
معلوم ٿي رهي هئي. شاهده جذبات تي قابو پائي نه
سگهي ۽ روئندي روئندي پنهنجو حال اورڻ لڳي.
غلام رسول هنجا ڏڍا هٿ ٻنهي جي هٿن ۾ جهلي صبر ۽
سڪون سان سندس داستان ٻڌڻ لڳو ته ڪيئن نه
شاهده جو پيءُ جمشيد مارڪر جيڪو سيٺ فيروز رسهتا
جي فيڪٽريءَ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر هو، جڏهن هٿن تي
فالج جي حملي ٿيڻ کان پوءِ ٺيڪ طرح سان ڪم نه ٿي
ڪري سگهيو، تڏهن سيٺ کيس نوڪريءَ مان برطرف
ڪري ڇڏيو، ۽ اها اڃ پيش ڪيائين ته جيڪڏهن
جمشيد مارڪر پنهنجي ڌيءَ جو هٿ سندس هٿ ۾

ڏيندو، تہ ٻوءِ هو نہ فقط گھر ويٺي ٻہ هزار رپيا
ماهوار پينشن وٺندو رهندو، پر فيڪٽري سموري شاهده
جي نالي ڪئي ويندي.

جمشيد مارڪر جيڪو بلڪل بيڪار ٿي چڪو هو،
پيرسن ٿي چڪو هو ۽ شاهده کانسواءِ ٻيو ڪوبہ
اولاد ڪونہ هوس، تنهن جڏهن اها ڳالهہ پنهنجي زال
يعني شاهده جي ماءُ سان ڪئي، تڏهن هوءَ بيهوش
ٿيندي ٿيندي رهجي ويئي. شاهده پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ
جي پڇاڙيءَ کي ذلت کان بچائڻ لاءِ شاديءَ لاءِ ها
ڪئي، ۽ اهڙي طرح سان قربانيءَ جي پينٽ چڙهي
ويئي.

غلام رسول شاهده جي ڪوماٽيل چهري ڏانهن
نهاريندي من ۾ چيو، 'ڇا شاهده پنهنجو وڃايل جوڀن،
خوشي، شادماني وري حاصل ڪري سگھي ٿي؟'

هن يونيورسٽيءَ ۾ اخلاقيات تي وڏا وڏا ڪتاب
پڙهيا هئا، پر اڄ کيس اخلاقيات جا دقيانوسي اصول
کوکلا ٿي نظر آيا، ۽ هر شيءِ کوکلي ٿي نظر آيس.
'ڇا شاهده پنهنجو وڃايل جوڀن، خوشي، شاد ماني
وري حاصل ڪري سگھي ٿي؟'

شاهده سندس من جي آنڊ مانڊ پروڙي ورتي ۽ بي
اختيار ٿي کيس چنبڙي پئي.

جڏهن غلامرسول شاهده کان موڪلائڻ لڳو،
تڏهن ڏٺو هن تہ شاهده جي ڳلن تي هلڪي هلڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لالائي اچي ويئي هئي.... چمن ۾ آبياري ڪئي ويئي هئي.... جوڀن تي آئي بهار....

پر اها بهار، اها آبياري ته وقتي هئي.... غلام رسول هليو ويو.

ڇهه مهينا گذري ويا .... هڪڙي ڏينهن کيس هڪ خط مليو، جيڪو شاهده کيس اوجها ٽي- بي سينيٽوريم ڪراچيءَ مان لکيو هو. اهو سينيٽوريم، يونيورسٽيءَ کان ٿورو مٿيرو، آتر پاسي هڪ ٽڪريءَ تي ٺهيل آهي. شاهده کيس خط ۾ التجا ڪئي هئي ته آخري دفعو هو ساڻس ملڻ اچي.... هوءَ بيچينيءَ سان سندس انتظار ڪري رهي هئي.

غلام رسول کنهن مصروفيت سبب هڪ هفتو، ڪراچيءَ دير سان اچي پهتو، ۽ جڏهن هو ٽيڪسي ڪري اوجها سينيٽوريم پهتو، تڏهن صبح جا ڏهه بڄي ٿيا. هن پاڻ سان بين تحفن سان گڏ، نرگس جي گلن جو هڪ گلدستو به شاهده لاءِ آندو هو، شاهده کي يونيورسٽيءَ جي ڏينهن ۾ نرگس جا گل ڏاڍا وڻندا هئا. هن جڏهن انڪواريءَ آفيس کان بيگم شاهده فيروز مهتا بابت پڇا ڪئي، تڏهن ويٺل ڪلارڪ هڪ رجسٽر کوليو، جنهن ۾ مريضن جا نالا داخل هئا، شاهده جي نالي تي ڳاڙهي ليڪ ڏنل هئي.... وفات، تاريخ، وقت. هنکي مئي پنج ڏينهن ٿي ويا هئا، يعني هن غلام رسول کي مرڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ خط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيو هو، غلام رسول وانڱن وانگر بار بار رجسٽر جي
ڏهي ليک کي گهوري رهيو هو، جتي لکيل هو،
’بيگم شاهده فيروز مهتا، عمر 26 سال، وفات....
تاريخ .... وقت ....‘

هن موندي ٽيڪسي واري کي يونيورسٽي
ڪئمپس واري رستي تان هلڻ لاءِ چيو، يونيورسٽي
ٽائون .... لائبريري ... ائڊمنسٽريشن بلڊنگ .... آرٽس
فيڪلٽي، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، ڪاري رنگ جي
گائون ۾، هٿن ۾ ڪتاب ڪنيو، بي فڪريءَ سان
گهمي ڦري رهيا هئا، ٽهڪڙا .... ڪل مشڪري.... ڇهڇٽو
.... بيل باٽم.... هيلو سر .... هيلو مئڊم .... ايڪس ڪيوزمي
.... پليز.... ٿئنڪيو ٿئنڪيو.... غلام رسول کي گذري
ويل سمون ياد اچڻ لڳو، پراڻا نظارا اکيان تري آيا،
پراڻا ساٿي ياد پئي آيا، جالينوس، راجا اندر، شاهده
.... شاهده.

’هتي هر نئين سال، نئون جالينوس، نئون راجا
اندر، نئون ڊان جان ۽ نئين شاهده اچن ۽ وڃن.... ڇا
دنيا هڪ ناٽڪ آهي! ڇا اسين سڀ انهيءَ ناٽڪ جا
ڪردار آهيون!‘ هن سوچيو ۽ اکين مان ڳوڙها وهي
آيس. ٽيڪسي آهستي آهستي وڃي رهي هئي ۽ هو
هر شيءِ کي حسرت سان ڏسي رهيو هو. جڏهن
ٽيڪسي ڪئمپس جي آخري موڙ تي پهتي تڏهن هن
ڳلد ستي کي، جهڪو هن شاهده لاءِ آندو هو، ٽيڪسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي درياءَ مان هيٺ، روڊ جي وچ واري گرين بيلٽ تي آڇلي ڇڏيو. گلدستو وچي هڪ ٻوٽي ۾ اٽڪي پيو ۽ شاهده لاءِ تحفو، شاهده جو يادگار بڻجي ويو ۽ ياد ڇڏي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانشور صاحب

مون کي ڪتابن جي نوس نوس ڪرڻ جي عادت آهي. صدر جو اهڙو ڪوبہ بڪ اسٽال وهيل نہ هوندو، جتي هفتي ۾ ٻہ ٽي دفعا منهنجو دورو نہ ٿيندو هوندو. مان پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ ڪهڙي بڪ اسٽال تان ڪهڙا ڪتاب ملندا ۽ ڪهڙي خاني ۾ هوندا، ڪهڙا نوان ڪتاب ڪهڙي بڪ اسٽال تي اچي ويا آهن يا اچي رهيا آهن. اهڙي نوس نوس ڪرڻ جو هي مطلب ڪونهي تہ ڪو مان گهڻا ڪتاب خريد ڪندو آهيان يا خريد ڪرڻ جو شوق اٿم. ورلي ڪو نئون ڪتاب وٺندس؛ نہ تہ گهڻو ڪري صدر جي آس پاس فٽ پاٿن تي وڪري لاءِ جيڪي ڪتاب سٽيا پيا هوندا آهن، سي خريد ڪندو آهيان، فقط انهيءَ خيال کان تہ اهي ضرور اڻلڀ هوندا. اهڙي ڪتابي نوس نوس مان انيڪ فائدا آهن. هڪ تہ وقت ڏاڍو سٺو گذريو وڃي، ٻيو تہ ڪتابن جا ٽائيٽل ۽ ليکڪن جا نالا ياد ٿيو وڃن. اهڙي يادداشت علمي اضافي ۽ بحث مباحثي لاءِ فائدي واري آهي.

دستور موجب هڪڙي ڏينهن مان فٽ پاٿ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن جي جاچ پڙتال ڪري رهيو هوس، جو دانشور صاحب مان علميڪ سليڪ ٿي جيڪو پڻ ڪتابن کي اڻلائي پڻلائي رهيو هو. دانشور مان منهنجي چاڻ سڃاڻ ڪا گهڻي پراڻي ڪانه هئي، ائين ٿي هڪ ادبي ميڙ ۾ ساڻس ملاقات ٿي هئي. سندس شخصيت کي جيڪي ٿي شيون نمايان ڪري رهيون هيون، سي هيون: سگار، اٽيا هپي ٽائيپ وار ۽ هٿمل بيگ دانشور ڪتاب اڻلائي پڻلائي نيٺ هڪ ڪتاب اڏ بها ۾ ورتائ هڪڙو ته هو نفسيات تي ۽ ٻيو شايد ڪنهن مشهور شخصيت جي آتم ڪهاڻي هئي. ڪيس ڪتاب خريد ڪندو ڏسي مون به لاچار "ڏئيم" وارلي جو هڪ پراڻو نمبر چئين آني ۾ ورتو.

"مسٽر ماهر، ڏاڍي افسوس مان ڏسو چوڻو پوي ٿو ته خالص علمي ڪتابن جي هٽ گهڻي اڻاٺ آهي، تنهن ڪري مجبوراً مان گهڻائي ڪتاب ٻاهرين ملڪن کان گهرائيندو آهيان." مون کي ڪيفي ٽيريا جي اندر وٺي ويندي چيائين.

"مثال طور هتي ڪو به اهڙو بڪ اسٽال ڪونهي جتي فرائڊ جو يا برٽرنڊ رسل جو مڪمل سيٽ هجي."

"بلڪل اوهان صحيح ٿا فرمايو.... اهوئي سبب آهي جو مان گهڻو ڪري فٽ پاٿ جا پراڻا ڪتاب وٺندو آهيان.... ڪڏهن ته انهن هنڌن تان تمام سٺا ڪتاب به ملي ويندا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن چانهه آئي ته دانشور بغير کير جي چانهه ڏاهي پيئڻ لڳو. پڙهڻ جو ڳالهيون ڪيون ته الائي ڪتان ڪان ڪٽي وڃي پهتاسون. مان پاڻ کي علمي ڳالهين جي ڊوڙ ۾ اڳرن کان اڳرو سمجهندو هوس پر دانشور مون کان ٻه ٻه قدم اڳتي هو. مان ٽڪجي پيس پر هو ٽڪجڻ وارو نه هو.

”اڄڪلهه مان مشرق جي ماڻهن جي نفسيات متعلق هڪ تحقيقي مقالو لکي رهيو آهيان .... مغربي نفسيات اسان لاءِ ڪارگر نه آهي ڇاڪاڻ جو اها اسان جي مزاج کي سمجهي نه ٿي سگهي.“ هن سگار جو هڪ ڊگهو ڪش هنيو.

موڪلائڻ وقت دانشور ڏاڍي پاٻوهه سان چيو، ”مسٽر ماهر اوهان به ته منهنجي ٿوري گهڻي مدد ڪريو هن تحقيق جي سلسلي ۾.“

”ها ها ڇو نه .... حڪم ڪريو!“ مون دل تي هٿ رکيو.

”گهڻي نه، فقط ايتري تڪليف ڪريو، جو اهڙن رسالن مان نفسيات وغيره جا نوان نوان نرم آسان ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيو.“ هن ”ٽائيم“ رسالي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”ضرور .... ضرور.“

گهٽائي ڏينهن گذري ويا هئا جو دانشور مان ٻيهر ملاقات ڪانه ٿي هئي. هڪڙي ڏينهن اوچتو ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفي ٽيريا جي هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويٺل ڏٺم. ڏاڍي غمگين موڊ ۾ نظر پئي آيو. پنهنجي پرمان ويهاري چوڻ لڳو، "ماهر.... چڱو ٿيو جو ملي وئين.... اڄڪلهه دل ڏاڍي اداس آهي.... ڇا ٻڌايانءِ سڄي محنت بيڪار وئي." هن سگار جو سوٽو هنيو.

"ڪهڙي محنت بيڪار وئي؟" اڄاڻ ٿي پڇيم.

"جيڪا مقالي تي ڪيم، اصل ۾ ماڻهن کي منهنجو مقالو سمجهه ۾ ئي ڪونه آيو."

"ها ائين ئي هوندو.... پوءِ ڇا خيال آهي آئينده لاءِ؟"

"ڪجهه نه ڪبو.... سوچيان ٿو ته نفسياتي علاج لاءِ هڪ پرائيويٽ ڪلينڪ کوليان.... علاج بلڪل اڻين نموني ڪيو ويندو. يعني شمع بيني، بلور بيني، يوگا وغيره وغيره.... تجربو شرط آهي."

"خيال سٺو آهي." چانهه جو ڍڪ پريندي چيم.

"اميد ته اوهان به تجربي خاطر هڪ دفعو مون وٽ ايندا.... اوهان جهڙن دوستن کان ته هڪ پئسو به نه وٺندس."

مان نه ها ڪري سگهيس نه انڪار، جلد ئي کانئس مرڪلائي ٻاهر نڪتس.

سوچيندو ئي رهندو هوس ته دانشور ڏانهن وڃان يا نه وڃان، جو خبر پئي ته سندس ڪلينڪ کي سرڪاري تالا لڳي ويا آهن ۽ هو اڄڪلهه جيل جي هوا کائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهي. جاچ ڪندي معلوم ٿيو ته دانشور جيڪا پنهنجي ڪلينڪ جپاني روڊ تي کولي هئي اها شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿي ويئي هئي. جپاني روڊ تي ڪنهن زماني ۾ ڳاڙهن نشانن مان لکتيون لڳل هونديون هيون جن تي انگريزيءَ ۾ لکيل هوندو هو "Out of Bound". ڪلينڪ ۾ خاص طرح نوجوان ڇوڪرا گهڻو ايندا ويندا هئا، جن جو علاج دانشور واڪيٽ ڪيپسولن مان ڪندو هو. واڪيٽ ڪيپسول کائي جڏهن نوجوان ٻاهر نڪرندا هئا ته واڪيٽ بڻجي ويندا هئا جنهن ڪري امن امان ۾ خلل پئجي ويندو هو، تنهن ڪري مجبوراً دانشور کي سرڪاري مهمان بڻايو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساز وڄندا رهيا

ٽرام لڏندي لمندي جڏهن ليمارڪيٽ وٽ پهچندي آهي تڏهن ٿڌي سامونڊي هير بدن کي لڳندي آهي ۽ ٽرام ۾ ٻوسات گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن چاڪيواڙي جي نالي تان ٽرام پار ٿيندي آهي، تڏهن گندي نالي جي ڌپ سُڪايل ڪاري مڇيءَ جي ڌپ سان ملي ٽرام جي مسافرن کي هيءُ چتاءُ ڏيندي آهي ته اوهان جي منزل اچي ويئي ۽ ٿڪل ٽٽل مسافر ڪر موڙي جهوني ڪنڀارواڙي کان وٺي چاڪيواڙي تائين آهستي آهستي لهڻ شروع ڪندا آهن تان جو ٽرام پنهنجي آخري منزل تي اچي پهچندي آهي.... آخري منزل جتي ٽرام جا پٽا اچي ختم ٿين ٿا.

اها ڌپ هتان جي سڄي علائقي ۾ ڦهليل آهي، ڏينهن هجي يا رات، سيارو هجي يا اونهارو اها ڌپ هوندي آهي.

هتان جي هڪ ڏنگي ڦڏي گهٽيءَ جي هڪ اوڏڪي اڌيل ننڍڙي جاءِ جي ڇت تي هڪ سورهن سالن جي ڳهنڊيدار وارن ۽ سانوري رنگ جي ڇوڪري ڪپڙا سڪائي رهي آهي. سامهون واري جاءِ ۾ لائوڊ ڏان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ جو رڪارڊ وڄي رهيو آهي. هتي شادين جي موقعن تي پورو هفتو لائوڊ ٿـان رڪارڊ وڄايا ويندا آهن .... صبح کان وٺي رات تائين لائوڊ چالو هوندو آهي.

ڇوڪريءَ ٽڏو ساهه پريو ۽ چوماسي جي ڪڪرن ڏانهن نهاريو جيڪي اولهه کان آيا ٿي ۽ اوڀر ڏانهن ويا ٿي .... ڪوهستان جي پاسي .... کيرٿر جـي پاسي شايد گڏ ٿي وسڻ لاءِ يا ڇڙوڇڙ ٿيڻ لاءِ!

پر واري جاءِ جي ڇت تـي هڪ 18 سالن جو، گهنڊيدار وارن ۽ سانوري رنگ جو ڇوڪرو لغڙ اڏائي رهيو آهي. سندس لغڙ ذري گهٽ بادلن کي ٿي ڇهيو، هڪ پيو لغڙ سندس لغڙ جي ويجهو ٿي آيو، پيچ پوڻ کي دير نه هئي ۽ هوءَ ڇوڪري دلچسپيءَ سان ان پيچ جو انتظار ڪري رهي هئي.... پيچ پئجي ويـو ۽ ڇوڪريءَ کان ٽڏو ساهه نڪري ويـو .... ڇاتيءَ جو آڀار مٿي ٿي ويو. لغڙ آڏائيندڙ سندس سيني جي آڀار کي ڇتائي ڏٺو، لغڙ کي ڍر ڏيئي جهٽڪو ڏنو ۽ پيو لغڙ ڪاٽا ٿي ويو. لغڙ آڏائيندڙ سينو تاڻي ڇوڪريءَ ڏانهن پيهر نهاريو، ٻنهي جو نظرون ملي ويون، ڇوڪريءَ مشڪي پنهنجون نگاهون جهڪائي ڇڏيون.

اهڙي طـرح پيچ پونـدا رهيا ۽ نظرون ملنديون رهيون .... اهو سلسلو گهڻي عرصي تائين جاري رهيو، آخرڪار ڇوڪري جي ماءُ هـن جي زور پرڻ تـي ڇوڪريءَ جي گهر سڱ گهرڻ وڃي ٿـي. گهر گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان، خاندان خاندان ڪان واقف هو ڏنهنڪري
انڪار جو ڪو سبب نه هو.... چوري به ساماٽيل هئي
باقي مهندي لڳائڻ ۽ دير چوا ها باقي ڏاج، حق مهر،
سوکڙين پاکڙين ۽ راج ڀاڳ ڪي ماني ڪارائڻ بابت
اڳوات ڳالهيون ڪرڻ ۽ شرط شروط طيءِ ڪرڻ تمام
ضروري سمجهيو ويو، تنهنڪري ٽرين جون وڏيڪ
گڏجاڻيون ۽ صلاح مشورا ٿيندا رهيا پر هو ڪنهن
فيصلي تي پهچي ڪونه سگهيا.

”پٽ امان هنن جي شرطن کي پوري ڪرڻ جي
سگهه ساري نه ٿا سگهون.... تون هن ڇوڪريءَ جو
خيال ڪڍي ڇڏ.... مان توکي پنهنجن مان پرائيندس
.... نه ڪندا ناز نه نخرا.“

”پر امان هوءَ سونکي پسند جو آهي.“

”ڇورا اهي فلمي ڳالهيون ڇڏ، توکي وڏيڪ سهڻي
۽ ستابي زال ملندي.... پيو ڇا ڪپئي؟“ منڊس ماسي
جيڪا پڻ موجود هئي تنهن واڪو ڪندي چيو.

هو چپ.

ڇوڪريءَ جو رشتو پاڙي جي هڪ ٻئي ڇوڪري
سان طيءِ ٿي ويو جيڪو هن ڇوڪري جو گهاٽو
دوست هو.

شاديءَ جي محفل جوانن جي محفل هوندي آهي.
رقص ۽ موسيقيءَ جي انهيءَ محفل ۾ هيءُ لازم آهي
ته گهوٽ جا ويجها دوست ۽ عزيز وڏيڪ نچن ٽپن.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

هو ان رات تمام گهڻو پي ڪري محفل ۾ شريڪ ٿيو، نچندو رهيو، نچندو رهيو، وچ ۾ گهوٽ کي ڳراٽڙي پائي مٿانس نوٽ گهوريندو رهيو. هو گهڻو خوش پئي نظر آيو.

هاڻي سازن ۾ وڌيڪ تيزي اچي چڪي هئي.... شوقيه نچندڙ به وڌيڪ تيزيءَ سان نچي رهيا هئا.... هو به تيز نچي رهيو هو.... سندس بدن جو هر هڪ حصو لڏي لمي رهيو هو.... پڳهر ۾ شل ٿي ويو هو، پر نچندو رهيو. هو تيستائين نچندو رهيو جيستائين بيهوش ٿي ڪري نه پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگن جي دنيا

سگر جي گرميءَ کان تنگ اچي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪوئيٽا اچي رهيس ۽ پنهنجي جهوني دوست رحيم سان ملي گهڻي خوشي ٿيم. هڪڙي ڏينهن دستور موجب شام جو جناح روڊ جي هڪ ريسٽورينٽ ۾ ويٺا هئاسين ۽ رحيم جديد آرٽ تي روشني وجهي رهيو هو، مان سندس آرٽ کان گهڻو متاثر هوس، تنهن ڪري هن جي هر ڳالهه غور سان پئي ٻڌم. هو آرٽ سان گڏ بت تراشيءَ جي فن جو به ماهر هو. ۾ سال اڳ هن جو تحفي ۾ ڏنل هڪ Bust مون سنڀالي رکيو هو. رحيم ڪاڏيءَ جي شلوار قميص پائيندو هو ۽ ڳالهائڻ ۾ آهستگي، نرمي پر رواني هوندي هيس، 35 سالن جو ٿي ويو هو پر اڃا ڪنوارو هو ۽ مالي حالت به ڪا چڱي نه هيس.

هن چيو پئي: ”رنگن جو انسان جي نفسيات سان ويجهو تعلق هوندو آهي .... رنگ ساڻ ملي هڪ داستان ٺاهيندا آهن .... هڪ ڪيفيت پيدا ڪندا آهن .... علامت بڻجندا آهن....“ پوءِ هن رنگن جو تفصيل سان ذڪر شروع ڪري ڏنو ۽ سگريٽ رولر مان سگريٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿاهيندو ڇڪيندو ۽ رهيو. مون سنڌس منهن ۾ اکين
مان بــ رنگن جي جهلڪ پئي پسي ۽ سوچڻ لــڳس:
”هينئر ڳالهائيندي ڳالهائيندي هو هميشه جيان اوچتو
خاموش ٿي ويندو ۽ آداسي سندس مٿان ڇانئجي ويندي
.... ڇا اِهـا آداسي هـر آرٽسٽ جي نصيب ۾ آئـي
آهي!“ هو اڃا رنگن جي دنيا ۾ هو.

اسان جي ٽيبل جي ويجهو ٽي ماڻهو اچي ويٺا،
ٻه نوجوان هئا ۽ هڪ ڇوڪرات، رحيم هڪ پيرو کڻي
ڏٺو ۽ ڇوڪري کي دير تائين گهوري ڏسندو رهيو،
ڇوڪري به ڏانهس نهاريو، پـوءِ منهن ڦيرائي پنهنجن
ساٿين سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. رحيم جي ڇتائي
ڏسڻ ڪي مونکي تعجب نه ٿيو ڇو ته هر آرٽسٽ بنيادي
طور تي سونهن جو شيدائي هوندو آهي، پر عجب اهو
جو رحيم جي منهن مان ڪاوڙ پئي بکي، هن ڳالهائڻ
جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو.

ڪاوڙ ۾ پڙڪندي چيائين: ”نالائق....“
”ڪير؟“ مون ڪانئس پڇيو.
”هون .... ڪير به نه .... ڪير به نه!“ هن ڪجهه
لڪائڻ ٿي چاهيو. سندس مٿان آداسي ڇانئجي ويئي.
جلد آتان آٿي ٻاهر نڪتاسون ۽ جناح روڊ جا ٻه ٽي
چڪر هڻي پوءِ موڪلايوسون. موڪلائڻ وقت هـن
چيو: ”سڀاڻي منجهند جي ماني مون وٽ اچي ڪائجائين.“
هو اڃا تائين ميڪانگهي روڊ جي پير واري گهٽيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهندو هو. هن جي گهر جو رُخ اهڙي نموني هو جو آڏان کان چلتن پهاڙ جو نظارو پوري طرح سان پسجي پئي سگهيو. چلتن پهاڙ: جنهن جي اندر باهه پئي دکي.... گرم گرم آلا ۽ گيس! چلتن پهاڙ جو دکڻ زلزلن جو ڪارڻ هو ۽ هڪ دفعي اهڙو ته وڏو زلزلو آيو هو جو سڄو ڪوئٽا شهر ناس ٿي ويو هو. چون ٿا ته ڪوئٽا شهر جيترو اڳ خوبصورت هو اوترو پوءِ ٿي نه سگهيو. چلتن جو رقيب ڪوه مردار آهي؛ جهڙو نالو اٿس تهڙو ئي نريل رهي ٿو. پئي خشڪ پهاڙ آهن.

چلتن جي چوٽيءَ تي چمڪ هئي.... شايد برف هجي! ڪالهه سڄي رات برسات پئي هئي ۽ فضا خوشگوار پر چلتن آداس! ساڳي آداسي رحيم جي چهري تي چانئجي ويندي هئي! آءٌ انهي پرسراو آداسائيءَ جو سبب معلوم ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري منجهند ڌاري رحيم جي گهر پهچي ويس.

وڏي زلزلي کان پوءِ شهر ۾ ساڙين واريون جائيون گهٽ اڏيون وينديون آهن پر جنهن جاءِ ۾ رحيم رهندو هو تنهن کي مٽيون طبق به هو ۽ هو اڪيلو مٿي حصي ۾ رهندو هو. هن منهنجو انتظار پئي ڪيو؛ ساني ڪائڻ کان پوءِ هيٺانهن اوڏانهن جون ڳالهيون ڏيون. سندس نوڪر سبز چانهه آندي جيڪا ڏاڍي لذيذ هئي. ان کان پوءِ هو مونکي پر واري ڪمري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وٺي ويو جتي هو تصويرون ٽاهيندو هو. ڪمري ڪي هڪ وڏي دري هئي جنهن مان چلتن ڀهاڙ نظر ٿـي آيو.... دريءَ مان ٿڌي هير جو جهونڪو آيو جنهن ۽ خوشبو سمايل هئي .... دل ٻهار ٻهار ٿي ويئي.

هن پنهنجيون مختلف ٺاهيل تصويرون ڏيکاريون: نيچر، اسٽل لائيف، هيومن فگرس، نيوڊس، ائبسٽريڪٽ. هونءَ ته مونکي سڀوريون تصويرون وڻيون پر هڪ تصوير تمام گهڻي پسند آئي. اها تصوير هڪ سهڻي جوان جي هئي، جيڪا سنهري فريم ۾، ڀت جي وچ تي ٽنگيل هئي. فقط چهرو هو پر جيئرو جاڳندو!

مان تصوير کي غور سان ڏسندو رهيس ۽ هڪ ڀرپور تاثر ڇانئجندو ٿي ويو!

تصوير ڏي اشارو ڪندي پڇيم: ”هيءَ تصوير ڪنهنجي آهي؟“ ۽ ساڳي وقت مونکي اهو ڇوڪرو ياد اچڻ لڳو، جيڪو ڪالهه ريسٽورينٽ ۾ نظر آيو هو. ڇو ته هن تصوير ۽ هن ڇوڪري جي مهانڊن ۾ گهڻي مشابهت هئي.

هو چپ.

”ڇا هيءَ تصوير هن ڇوڪري جي ته ناهي جيڪو ڪالهه نظر آيو هو؟“ مون ٻيهر ڪانئس پڇيو.

رحيم ٿڪي مرڪ منهن تي آڻي جواب ڏنو: ”نه .... هيءَ تصوير هن جي وڏي ڀاءُ جي آهي .... خيالي تصوير....اصلي تصوير....منهنجي دوست اسلم جي تصوير.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن روالر مان سگريٽ ڦاهي ڍڪايو.

”اهو پلا ڪيئن! ڇا هو هائي وجود نہ ٿو رکي؟“

”وجود!.... هائو وجود رکندو هو پـر هينئر فقط منهنجي خيالن ۾ وجود ٿـو رکي.... فقط خيالن ۾!“

هن غمگين لهجي ۾ چيو.

مون يڪدم ڇاتو تہ اهو نوجوان فوت ٿي چڪو آهي ۽ جنهن محنت سان رحيم سندس تصوير ٺـاهي هئي تنهن مان هن جي پيار جي شدت ظاهر هئي.... ۽ شايد انهيءَ آداسائيءَ جو ڪارڻ بہ هيءُ نوجوان هجي!

ڪنڊ ۾ شيلف تي تراشيل ڪجهہ ماڊل رکيل هئا ۽ ڪجهہ فرينچ پلاسٽر مان تيار ڪيل مردانہ ـ زنانہ ڌڙ. مان انهن کي ڏسندو رهيس ۽ هو دريءَ کان ٻاهر ڏڪي رهيو هو ۽ سوچ ۾ ٻڏل! ٿوري دير کان پوءِ ٿڌو ساهہ ڀري هي شعر چيائين: ”زنده ہوں اس طرح کہ غم زندگي نہيں.... جلتا ہوا ديـا ہوں مگر روشني نہيں.“

منهنجي گهٽي زور ڀـرڻ تي هن پنهنجو جيڪو داستان ٻڌايو اهو هيئين ريت آهي:

غفور ۽ رحيم ڪاليج تائين گڏ پڙهيا هئا ۽ ٻنهي جي پاڙ ۾ گهاٽي دوستي هئي. روزانو صبح جو اٺين لڳي غفور پنهنجي سائيڪل تي چڙهي رحيم کي وٺڻ ويندو هو. جڏهن سائيڪل جـي گهنڊڙي وڄندي هئي تڏهن رحيم دريءَ مان منهن ڪڍي غفور کـي ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ اوڏيندو هو ۽ ٿوري دير کان پوءِ منهن ٻاهر نڪرندو هو، پوءِ ٻئي سائيڪل تي چڙهي ڪاليج ويندا هئا.

اسڪول جي زماني ۾ ۽ بعد ۾ ڪاليج ۾ هرڪو غفور سان دوستي ڳنڍڻ جو خواهشمند هو، پر غفور دوستي فقط رحيم سان ڳنڍي، ٻنهي تي ڪڏهن جهيڙا به ٿيندا هئا، پر هنن جي ياريءَ کي ڪو ختم ڪري نه سگهيو.

شام جو ٻئي ڪنهن نه ڪنهن ڪيفي ۾ ويٺل نظر ايندا هئا ۽ هر آچر تي گڏجي مارننگ شو ڏسندا هئا اونهاري جي موڪلن ۾ اڪثر ٻئي شهر کان ٻاهر آڙڪ يا هنا پڪنڪ ملهائڻ ويندا هئا. ڪاليج ۾ جڏهن ٻنهي جو آخري سال هو تڏهن غفور اوچتو سخت بيمار ٿي پيو. لاچار کيس ڪراچيءَ ڪڻائي ويا. اتي وڏن ڊاڪٽرن سندس علاج ڪيو، پر هو هن جي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا. جڏهن لاش ٽرين ذريعي ڪوٽڙي اسٽيشن پهتو تڏهن ٻين سوڳوارن سان گڏ رحيم به اسٽيشن تي موجود هو. ڪن اڻ ٽرمجبورين ڪري هو ڪراچي وڃي نه سگهيو هو، نه ڪي کيس اهڙي وڏي سانحي جو انديشو هو.

حساس دل رحيم پنهنجي دوست جي دائمي وڇوڙي کان پوءِ بلڪل ڍهي پيو، هو نه امتحان ڏئي سگهيو ۽ نه ڪا سٺي نوڪري وٺي سگهيو.... شادي ته پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳالهه هئي. دوست جي وڇوڙي ڪان پوءِ سندس گهٽائي پروگرام اڻ پورا رهجي ويا. ڪيس سهارو فقط رنگن جي دنيا وٽان مليو ۽ ڪي قدر سڪون به.

”پايان ٿو ته اوهان جي مرحوم دوست جو پاڻ کڻهن چڱيءَ صحبت ۾ ڪونهي!“

”ها.... ائين ٿي سمجهه“ رحيم چيو.

”پوءِ اوهان ڪوشش نه ڪئي ته هو بريءَ صحبت کان بچي ۽ اوهان سان دوستي ڳنڍي؟“

رحيم ڪو جواب نه ڏنو ۽ حسرت سان پنهنجي مرحوم دوست جي تصوير کي تڪيندو رهيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جا گهاءُ

جيڪڏهن مان انهيءَ اسپتال ۾ نه وڃان ها ته جيڪر هن وقت سڪون ۾ هجان ها ۽ سانتيڪي زندگي گذاريندو رهان ها! ويس علاج لاءِ پر دل ڏيئي وينس!

ڊاڪٽر ڪيس چيو ته هن مريض جو ٿرماميٽر سان ٽيمپريچر ڏس. هوءَ موهيندڙ مرڪ سان اچي ڪري مونکي ٿرماميٽر ڏيڻ لڳي، جيئن مان ان کي وات ۾ جهليان، پر بجاءِ ڪانئس ٿرماميٽر وٺڻ جي، مون پنهنجو وات کولي ڇڏيو. (شايد بدحواسيءَ ۾ يا چاٺي واٺي!) هن چپ پيڪوڙيا ۽ شرمائيندي منهنجي وات ۾ ٿرماميٽر وجهي ڇڏيو ۽ پنهنجي واچ ۾ تڪڻ لڳي. ٿوري دير کان پوءِ هن منهنجي وات مان ٿرماميٽر ڪڍيو ۽ ڊاڪٽر کي ٽيمپريچر ٻڌايائين. ڊاڪٽر دوا جو نسخو لکي ڏنو، جنهن ۾ انجيڪشن هڻڻ به ڄاڻايل هو. خوش قسمتيءَ سان انجيڪشن به ساڳيءَ نرس لڳائي. انجيڪشن هڻڻ لاءِ مريض کي هڪ ٻئي هنڌ پردي جي اوٽ ۾ ويهاريو ويندو آهي. (سخت بيمار مريضن کي ليٽايو ويندو آهي.) جڏهن هوءَ پنهنجن خوبصورت نرم نازڪ هٿن سان منهنجي سڄيءَ ٻانهن کي جهلي، انجيڪشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿڙ لڳي تڏهن سور بجاءِ بي انتها راحت محسوس ڪيم.
چيم: "اوهانجو هٿ ڪيترو نه هلڪو آ .... ڇڻ ته ڪجهه ٿيوئي ڪونه .... ڪي هٿ ته تمام ڳورا هوندا آهن!"

"سور نه ٿيو!" هن منهن تي مصنوعي حيرت پيدا ڪندي چيو.

"بلڪل نه!" وراڻيم.

"ڪوڙا!"

پٺي ڏينهن انجيڪشن لڳائڻ مهل مون ڪانئس نالو پڇيو.

"نالو ٻڌائڻ ڇا ضروري آهي!"

ٿورو سوچي پوءِ وراڻيم: "ضروري ڇا آهي ته هن جو دارومدار مهل ۽ موقعي تي هوندو آهي.... ضروري ضرورت جي پيداوار هوندي آهي."

"توهان ته مونکي ڪو فلاسافر يا شاعر ٿو لڳين!"

"نه ڪو مان فلاسفر آهيان نه شاعر.... پر ها انهيءَ جو دارو مدار به موقعي مهل تي هوندو آهي."

سندس اکين ۾ گهوريندي چيم. هوءَ منهنجي جواب تي کاڻ لڳي ۽ سندس ڳاڙهن چپن منجهان اڇا اڇا ڏند چمڪڻ جرڪڻ لڳا. سندس وڏيڪ ويجهو تي پنهنجي سوال کي ورجايم:

"پنهنجو نالو ته ٻڌاءِ!"

"شڪيلا." چنڊ جهڙي منهن تي حياءَ جي لهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڙي ويئي. ڊاڪٽر جو ڪال ٻيل وڳو ۽ هوءَ هلي ويئي.

تڏهن ڏينهن تي ڊاڪٽر چيو: ”اوهان جي طبيعت هاڻي ٺيڪ آهي، انجيڪشن لڳائڻ جي به ضرورت ڪانهي.... دوا وٺي وڃو ۽ طاقت جون ڪجهه دوائون لکي ٿو ڏيان اهي واپرائجو بس.“ هن سلپ تي دوائون لکي ڏنيون. ٻڏل دل سان آئون اٿي مان دوائن جي ڪائونٽر تي آيس ۽ ڏٺم ته اوڏيءَ مهل شڪيلا هڪ نينگر کي انجيڪشن هڻي رهي هئي. مان هڪدم هن وٽ ويس ۽ چيومانس:

”ڊاڪٽر اڄ موڪل ڏيئي ڇڏي .... مان اوهان جو ٿورو مڃڻ آيو آهيان.“

”ٿورو وري ڇا جو؟“

”جلد تندرست ڪرڻ جو.... منهنجو مطلب ته اوهانجي هٿن ۾ شفا آهي تنهن جو ٿورو ٿو مڃيان.“

”اهو ته اسان جو فرض آهي.... بهرحال مونکي خوشي ٿي جو اوهان جلد صحتياب ٿي ويا.“ هن چيو.

”پر مان ايترو جلد صحتياب ٿيڻ نه ٿو چاهيان.... منهنجي ڪا واهر ڪريو!“

هن ڳالهه کي سمجهندي چيو: ”مون چيو هو نه، ته اوهين شاعر يا فلاسافر ٿا لڳو.... اوهان جون ڳالهيون ٿي اهڙيون آهن!“

”ملاقات جي اميد ڪريان!“ مون آخري داءُ لڳايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ چپ.

”اينڊرڻ آچر جي ميٽني شو لاءِ ماڻ ريڪس ۾ بڪنگ ڪرائيندس ۽ آئي ارهان جو انتظار ڪندس.... اوهين اينديون نه؟“

هوءَ خاموش.

آچر ڏي مون وڏي اتساهه سان سئنيما ۾ سندس انتظار ڪيو، نيٺ هوءَ آئي، ڪيس ڏسندي ئي منهنجي دل جو بار هلڪو ٿي ويو. اسپتال ۾ هوءَ نرسن واري اڇي ڊريس ۾ هوندي هئي ۽ اڄ ڪيس مون پهريون ڀيرو رنگين ڪپڙا پاتل ڏٺا، شلوار قميض ۽ ميچ ڪندڙ رئو. انهن ڪپڙن ۾ هوءَ وڌيڪ جرڪي پئي رهي هئي.

پوءِ ته هر هفتي اسان جي ملاقات ٿيڻ لڳي، ڪڏهن سئنيما ۾، ڪڏهن ڪنهن عمدي ريسٽورينٽ ۾ ته ڪڏهن ڪلفٽن ۽ ڪڏهن هل پارڪ.

اتفاقي ڪنهن هفتي جيڪڏهن ملاقات نه ٿي سگهندي هئي ته دل گهڻي بيچين ٿي ويندي هئي ۽ تيستائين چين نه ايندو هو جيستائين هوءَ مونکي فون تي (آفيس جي) ڪارڻ نه ٻڌائيندي هئي. مونکي جيڪڏهن ڪو ضروري ڪم ٿي پوندو هو ته کيس اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيندو هوس.

جڏهن به هوءَ مونسان گڏ هوندي ماڻهن جون نظرون هن ڏانهن ڇڪجي وينديون .... گهايل نظرون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان نظرون، پياسيون نظرون ۽ هراسيل نظرون!

هڪڙي ڏينهن سمنڊ جي ڪناري چوڪ بارڪ ڏيندي اسان پئي ساموندي ويرن جي لاهه چاڙهه کي ڏسي لطف ماڻي رهيا هئاسين ۽ ٿڌڙي هير به پئي لڳي، تڏهن هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، کيس آڌاريم ۽ چيم: ”ڊورو پاڻيءَ جي اندر ڊا هلون.“

”نه نه ڪپڙا آلا ٿي ويندا!“

”ڪجهه اڳتي نه ويندا سون .... وڌ ۾ وڌ گوڏن پر پاڻيءَ تائين.“ مون کيس خاطري ڏني.

سانجهيءَ ڌاڻي ساموندي لهرون تيز ٿـي ويندي يون آهن، سو پاڻيءَ ۾ ڊورڙو اڳتي وڌڻ شرط هن لاءِ پاڻ کي سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو ۽ هوءَ ذري گهٽ منهنجي پاڪر ۾ هئي. آسمان ۾ بادل گهرا هئا ۽ اهي سمنڊ جي لهرن سان ملي چڻ هڪ ٿي ويا ٿي .... هر طرف هلڪي اونداڪار ڇانيل هئي .... پنهي جـا ڪپڙا ذري گهٽ پسجي ويا هئا ۽ تيز هوا جـي جهوٽن ۾ پئي اونها ساهه کڻي رهيا هئاسين ....

اسان جي دوستي باوجود هڪ ڳالهه جـي قائـم رهندي آئي، جنهن بابت کيس چاڻ هئي، يعني ته مان شادي شده هوس، (جڏهن ته هوءَ ڪنواري هئي) ۽ گهر گرهستيءَ جي معاملن ۾ ڪافي حد تائين پڪو. ”شادي پنهنجي جاءِ تي ۽ محبت ۽ دوستي پنهنجي جاءِ تي.“ منهنجي ان خيال سان هوءَ متفق هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ڏينهن بيگم صاحبه مونکي ٻڌايو ته مان موڪل جي ڏينهن گهر ۾ اڪثر نه ٿو رهان ۽ ذاتي خرچ وڌائي ڇڏيو اٿم. مون ڪي بهانا ۽ عذر پيش ڪيا ۽ مانس واعدو ڪيم تــه آئينده ائين گهٽ ٿيندو ۽ کيس هڪ فلم ڏيڪارڻ جو به واعدو ڪيم. هوءَ خوش ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿي.

هڪڙي ڏينهن شڪيلا پريشان نظر ٿي آئي. ٻڌايائين ته اسپتال جون ٻيون نرسون کيس ٽوڪين ٿيون تــه هن جو هڪ Boy_Friend آهي، ۽ ڊاڪٽر کي اها شڪايت آهي ته هوءَ مقرر وقت تي نـه ٿي اچي ۽ ڊيوٽي به ٺيڪ طرح سان نه ٿي ڪري، کيس خبردار ڪيو اٿس ۽ نوڪريءَ کان ڪڍڻ جي ڌمڪي بـه ڏني اٿس.

وري هڪڙي ڏينهن هن اچي ٻڌايو ته منهنجي گهر وارا منهنجي مڱڻي ڪرائڻ جي تيارين ۾ آهـن، هڪ رشتو آيو آهي. منهن ٻي ڦڪي مرڪ آڻي مان کيس مبارڪ ڏيان ٿو.

”مان پايان ٿو تــه هاڻي اسان جـي جدائيءَ جا ڏينهن ويجها اچي پهتا آهن.“ مون چيو.

”ڇو ڀلا! مڱڻو اسان ٻنهي جــي وچ ۾ رڪاوٽ بڻجندو ڇا؟“ هن معصوميت سان پڇيو.

”مڱڻو ته نه .... شادي ضرور رڪاوٽ بڻجندي.“ وراڻيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شاديءَ ۾ ته دير آهي .... انڪل هڪ سال .... پوءِ ٻه ڏنو ويندو.“ (هڪ دلاسو.... هڪ آسرو)

ڏينهن گذرندي ويرم نه لڳندي آهي، هڪ سال ٻه اچي پورو ٿيو. سندس شاديءَ کان ٿورڙو اڳ اسان ٻنهي جي وچ ۾ جيڪا ملاقات ٿي سا آخري هئي. هوءَ اهاڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ڪانه هئي ته شاديءَ کان پوءِ اسان جو تعلق ختم ٿيڻ گهرجي. سون کيس سمجهايو ۽ چيم: ”جيڪڏهن توکي پنهنجو گهر ڏاهڻو آهي، ڏاهڻو ڪونهي ته پوءِ اسان کي پنهنجا تعلقات ختم ڪرڻ گهرجن .... پيو ته محبت دل ۾ هوندي آهي.... تون منهنجي دل ۾ هميشه لاءِ سمائجي چڪي آهين .... تنهنجي ياد هميشه قائم رهندي .... ۽ شايد ڪڏهن رستي ويندي هڪ ٻئي کي ڏسي وٺون ۽ اکين اکين ۾ ڪيڪاريون .... شايد اتفاقي ملاقات به ٿي وڃي!“ (هڪ دلاسو.... هڪ آسرو)

موڪلائڻ وقت مون ته گهڻي ضبط جو مظاهرو ڪيو پر هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا.

بيگم صاحبه پڇيو: ”گهڻو لهڪارجي ويا آهيو.... طبيعت ته ٺيڪ اٿوَ!“

”هون! نه نه ٺيڪ آهيان .... هرو ڀرو وهم ٿو ڪرين.“ اخبار کڻي مان ٻئي ڪمري ڏانهن ٿو وڃان، وڌيڪ سوالن کان بچڻ جي خاطر.

”اڄڪلهه اوهان آداس ٿا نظر اچو.... آهي ڪـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير!“ آفيس جي هڪساٿيءَ پڇيو.
”مڙئي خير آهي.... اداسي وري ڇانجي!“ هو حيرت ۾ مون کي تڪيندو رهيو.
من جڏهن گهڻو وياڪل هوندو آهي ڏڏهن گوڙ، شور ۽ ڀيڙ کان پري ڪنهن پارڪ جي ڪنڊ ونئي ويهندو آهيان ۽ وڻن جي لڏندڙ لمندڙ ٽارين کي ڏسندو رهندو آهيان ۽ ٻنهنجي سوچ ۾ گم.
هڪڙي ڀيري هڪ دڪان جي شوڪيس ۾ حسن ۽ پيار جي ديوي وينس جو بت ڏٺم ۽ اکين ئي ڀيهجي ويس ۽ گهڻي دير تائين ان کي نهاريندو رهيس ۽ يادن جا زخم تازا ٿي ويا .... اڻ مٽ يادون .... اڻ مٽ زخم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپيل ڏڙ مان وهندڙ رت

هو جڏهن ننڍڙو هو ته پوڙهي ڪيس گود ۾ ورتو هو، ڇو جو هو ننڍپڻ کان ئي يتيم ٿي ويو هو. هن پوڙهي گهڻن ئي ٻارن کي گود ۾ ورتو هو ۽ ڪين پالي نپائي وڏو ڪيو هو. پوڙهي جو چوڻ هو ته جن ٻارن کي هن گود ۾ ورتو، تن جي پيئرن کي به هن گود ۾ ورتو هو ڇو ته اهي به ننڍي هوندي کان يتيم ٿي ويا هئا.

”اسان جا وڏا ڪيئن يتيم ٿي ويا؟“ هڪ يتيم ڪانئس هڪ دفعي پڇيو هو. جواب ڏنو هئائين، ”جاهلن جا ٻار هئا..... اهي جاهل هڪ ٻئي سان پيا وڙهندا هئا، وير وٺندا هئا ۽ مرندا ويندا هئا!“

”پلا اسان ڪيئن يتيم ٿي وياسون؟“ هڪ ٻئي نوجوان ڇوڪري ڪانئس پڇيو هو. وراڻيائين: ”آهي جيڪي اسان جا ويري هئا، ۽ آهي جيڪي اوهان جي وڏن جا ويري هئا، تن سان وڙهندي هو مارجي ويا ۽ جيڪي بچيا، سي لولا لنگڙا يا انڌا ٿي ويا.“ اهڙي موقعي تي هو پنهنجي ڪاڏيءَ تي زخم جو نشان ضرور ڏيکاريندو هو ۽ چوندو هو ته ”جنگ جي دوران هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويريءَ منهنجي مٿان خوني حملو ڪيو هو جنهن جو هي نشان آهيا"

هو پنهنجي صحيح عمر اصل نه ٻڌائيندو هو. هيو پوڙهو، پر سندس صحت ڏسڻ وٽان هئي. سندس ڳڻن ڳالهين تازي رت پيئي نمندي هئي. منجهس هڪ اهڙي حشمت هئي جيڪا ڪن ڪن ماڻهن ۾ هوندي آهي. هن جا نپايل پاڙ، جيڪي هاڻي جوان ٿي چڪا هئا، هن جي گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ سندس اڳيان نوڙي هلندا هئا. دنيا انهيءَ پوڙهي جي واڪاڻ مان ڪونه ڍاپندي هئي. ماڻهو هن جي درياهه دلي سخاوت ۽ رحم دليءَ جا گيت ڳائيندا هئا.

هن هڪ وڏو عجائب گهر به قائم ڪيو هو جنهن ۾ گود ورتل ٻارن جي وڏن جون ڇڏي ويل قيمتي شيون ۽ انهيءَ دور مان واسطو رکندڙ ٻيون شيون رکيون ويون هيون. پري پري کان ماڻهو اچي اهي شيون ڏسندا هئا ۽ پوڙهي جي قدر شناسيءَ جا قائل ٿي ويندا هئا ۽ چوندا هئا ته ورثي جي حفاظت ڪرڻ ڪو انهيءَ پوڙهي کان سکيا

هن کي به ان پوڙهي نپائي وڏو ڪيو هو. هن ڪلجڳ ۾ ڪير ٿو ڪنهن کي پڇي؟ ٻئي جي اولاد کي پالڻ ته وڏي ڳالهه هئي، تنهن ڪري هو هن تان گهوريو ويندو هو ۽ پوڙهي جي هر حڪم جي تعميل ڪندو هو.

هڪڙي پيري هڪ نوجوان عجائب گھر مان چوري ڪندي پڪڙجي پيو. هن هڪ ترار چورائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندس چوڻ هو تہ اها ترار هن جي وڏن جي هئي تنهڪري انکي پاڻ وٽ رکڻ ٿي چاهيائين.

هن تي ٻہ ڏوھ مڙهيا ويا، هڪ چوريءَ جو ۽ ٻيو قتل جو.... پوڙهي هن لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي.

هڪ زير زمين هال ۾ سيڻني يتيمن کي گڏ ڪيو ويو ۽ ان ڏوهاريءَ کي، جنهن جا هٿ پير ٻڌل هئا، آندو ويو. اڄ سيڻني جي اڳيان ڪيس سزا ڏيڻ جو پروگرام هو جيئن پيا ٻہ عبرت وٺن.

اهو نوجوان، جيڪو پوڙهي تان هميشہ گھوريو گھوريو ويندو هو تنهن کي حڪم ڏيو تہ ماڳيءَ ترار سان ڏوهاريءَ جو سر قلم ڪري. هن حڪم جي پوئيواري ڪندي ترار اڀي ڪئي، هڪ لمحي لاءِ سندس هٿ ڏڪيو. هن ائين محسوس ڪيو چڻ تہ خود پنهنجو سر قلم ڪري رهيو هجي. پر، هڪ اونهو ساهہ کڻي، هن وار ڪيو ۽ ڏوهاري نوجوان جو سر ڌڙ کان ڌار ٿي ويو، ۽ ڳاڙهي ڳاڙهي رت پٽ تي وهڻ لڳي. پوڙهو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ جوش ۽ جنون جي حالت ۾ ڪپيل ڌڙ مان وهندڙ رت کي چڻي چوسڻ لڳو. ويٺلن جي دلين تي دهشت طاري ٿي وئي. هو وائڙن وانگر اهو عجيب نظارو ڏسندا رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪنبندا رهيا. رت پـيءِ، جڏهن ٻـوڙهي ٻس ڪئي
ته هن هڪ وڏي اوڳرائي ڏنائين. سندس ڳڻن جـي
جي ڳاڙهاڻ گهري ٿي ويئي هئي، هو جوانن کـان
جوان نظر اچڻ لڳو....

اها ماڳي ڊرار پيهر عجائب گهر ۾ رکي ويئي جنهن
تي مري ويل نوجوان جي رت جا نشان هئا ۽ پرسان
وڪيل تختيءَ تي لکيل هو، "هڪ سورهيه جي رت جا
نشان، جيڪو ويرن سان وڙهندي مارجي ويو!"

انڌو ڪوئو

ڪتابن کي اڌوهيءَ ۽ ٻين جيتن کان بچائڻ لاءِ مختلف قسمن جا پائوڊر ۽ ٻيون دوائون استعمال ڪيون وينديون آهن، ڪٻٽن ۾ پيل ڪتابن جي هيٺان ۽ پاسن کان نم جا پن رکيا ويندا آهن ۽ مون اهي سڀ شيون استعمال ڪيون، تنهن هوندي به ڪڏهن ڪڏهن ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب اڌوهيءَ جو کاڄ ٿي ويندا هئا، اهو تڏهن جڏهن مهينن جا مهينا ڪتاب ڪٻٽن ۾ بند رکيل هوندا هئا ۽ تازي هوا ۽ روشنيءَ کان محروم رهندا هئا. تنهن ڪري هر هفتي موڪل جي ڏينهن ڪتابن جي چڪاس ڪرڻ پنهنجو نيم ٺاهي ڇڏيم. هڪ هڪ ڪتاب کي کولي ڏسندس، ورقن کي اٿلائي انهن جي وٿين ۾ ڏسندس، جيڪڏهن ڪو چرندڙ پرندڙ جيت نظر ايندو ته پوءِ اهو ڪتاب ٻاهر ڪڍي ڪجهه وقت اس ۾ رکندس، پوءِ ان کي چنڊي ڦوڪي وري ڪٻٽ ۾ رکندس. ائين ڪرڻ سان منهنجا ڪتاب هر بلا کان محفوظ رهندا آيا.

منهنجا ڪتاب ئي منهنجي ملڪيت آهن، اڪيلائپ ۾ منهنجا ماٽاري، مونجهارن کي دور ڪرڻ وارا رهبر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري مان انهن کي ڏاڍو پائيندو آهيان، سندن گهڻو خيال رکندو آهيان. پڻ گهرن ۾ اوهان کي ڊيڪوريشن لاءِ شو ڪيس نظر ايندا جن ۾ طرح طرح جون قيمتي شيون رکيل هونديون، پر مان وٽ .... رڳو ڪتاب. وقت گذرڻ سان گڏ ڪتابن جو تعداد به وڌندو ويو، ايتري قدر جو منهنجا پئي ڪيٽ پرجي ويا ۽ پيا ڪتاب ميز تي، ڪرسين تي، درين جي چوڪٺن تي رکيل هوندا، تنهن ڪان سواءِ وسالن جا انبار. پوءِ ته ڪمري ۾ چڙو وسالا هئا يا ڪتاب، سواءِ ڪنڊ ۾ پيل خالي کٽ جي. پر مونکي ڪا گهٽتي ڪانه هئي جو ته ڪتابن کي درين مان تازي هوا ملي رهي هئي ۽ روشن دانن مان روشني.

هڪ سانجهيءَ مهل، جيئن مان کٽ تي ليٽي ڪري مزي مان هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هوس، جو اوچتو ڪتابن جي ڍڳ منجهان چرچر جو آواز اچڻ لڳو ۽ منهنجي هانو کي جهٽڪو آيو ۽ منهنجو سڄو ڌيان هن پاسي ٿي ويو. ساڳي ئي وقت مون چوگرد ڦهليل هڪ گندي بانس محسوس ڪئي. مان پنهنجي جاءِ تان اٿيس ۽ ڍير رکيل ڪتابن کي جاچڻ لڳس. ڪارا ڪارا ليڏڙا ڪتابن تي ۽ پٽ تي پيل هئا، ڪي سڪل ته ڪي تازا. چوگرد ڦهليل بانس انهن ليڏڙن مان ئي اچي رهي هئي. منهنجي لاءِ عجب جي ڳالهه ته اها هئي جو اها بانس مونکي ان وقت محسوس ٿيڻ لڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن چر چر جو آواز ڪنن تي پيو، ان ڪان اڳ ۾ نہ! اهو آواز ڪڏهن تکو تہ ڪڏهن گهگهو ٿي ويندو هو، ڄڻ تہ ڪو ڪنهن شيءِ کي ڪتري رهيو هجي! مون ڪتابن جي هڪ ڍڳ کي ٺوڪر هڻين، اهو ڏهي پيو ۽ انهن ڪتابن منجهان ٻہ ٽي ڪوڏا ست ڏيئي ٻاهر نڪتا، پر پڇي وڃي ٻين ڪتابن ۾ لڪيا. مون ڪتابن کي مٿي کڻي ڏٺو تہ اهي ڪن ڪن هنڌن کان ڪتريل هئا، پر اهي مٿان وارا ڪتاب هئا، هيٺ وارن ڪتابن جو ڪهڙو حشر ٿيو آهي اهو ڄاڻڻ لاءِ هڪ هڪ ڪتاب کي چڪاسڻو هو، جنهن لاءِ گهڻو وقت گهربل هو، سو مون اهو ڪم موڪل جي ڏينهن تي رکيو ۽ ڳوريءَ دل سان ٻاهر وڃي کٽ تي ليٽيس ۽ ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳس.

موڪل وارو ڏينهن اڃا پري هو، ڪوئن جي چرچر ڏينهن رات جاري هئي ۽ بدبو وڌندي پئي ويئي، تنهن ڪري بازار مان ڪوئامار گوريون وٺي آيم ۽ کين اٽي ۾ ملائي، انهن جون ٽڪيون ٺاهي، ڪمري جي ڇنڇي پاسن ۾ رکي ڇڏيم.

نيٺ موڪل وارو ڏينهن بہ آيو ۽ ڪمري مان سڀ ڪتاب ۽ رسالا کڻي، گهر جي اڱڻ ۾ آڻي رکيم. ڪتابن جي ڦوڻڻ جي دوران گهڻائي ڪوڏا مئل نظر آيا جن کي ڇمڪي مان کڻي ٻاهر اڇلائي ڇڏيم. پوءِ ڪتابن ۽ رسالن کي جاچڻ ۽ ڇنڊڻ ڦوڪڻ ۾ لڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس. ڪوٺن گهڻن ئي ڪتابن ۽ رسالن کي ڪتري
ناس ڪري ڇڏيو هو. ٽن ڪي الڳ ڪري باقي ڪتاب
۽ رسالا ٻيهر ڪمري ۾ آڻي رکيم. هال ڪتابن کي
ڪمري ۾ رکڻ کان اڳ ۾ ڪمري جي اندر ٻهاري
ڏياري ۽ فرش ڌوئاري ڇڏيم. ڪمري جي صفائي بس
تمام گهڻي وقت کان پوءِ ٿي هئي ۽ هاڻي ڪمري ۾
نه ڌپ هئي نه ڇرچر جو آواز.

پڙهڻ لکڻ جو ڪم هاڻي اطمينان سان ٿيڻ لڳو.
ڏينهن گذرڻ سان گڏ وري ڪتابن ۽ رسالن ۾ اضافو
ٿيڻ لڳو ۽ اڳي وانگر وري ڪمري جي اندر ڪتابن
۽ رسالن جا ڍيڳ نظر اچڻ لڳا. ڪمري جي اندر ڪا
اهڙي خالي جاءِ نه هئي جتي ڪتاب ۽ رسالا رکيل
نه هجن. ڪتابن کي ڪوٺن کان بچائڻ لاءِ مون
ڪوئلسار گوريون ٻيهر ڪمري جي چئني ڪنڊن ۾
رکي ڇڏيون هيون. سوچيم ته جيئن ئي مئل ڪوٺن
جي ڌپ ايندي تيئن ئي ڪتاب ٻاهر ڪڍي، ڪمري
جي صفائي ڪرائي ڇڏيندس.

مان رات جو دير تائين پڙهڻ لکڻ جو ڪم پورو
ڪري، پوءِ ڪمرو بند ڪري ٻئي ڪمري ۾ وڃي
گهر جي ڀاتين سان گڏ سمهندو هوس. هڪڙي ڏينهن
ڏٺم ته ڪتابن واري ڪمري جي اندر چئني پاسي
ڪارا ليندڙا پيا آهن، ڪيئي ليندڙا ڪتابن کي
به چنبڙيل هئا. مونکي حيرت اها ٿي ته ڪوٺا اوچتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪٿان ڪان آيا! جڏهن ته رات جو مان ڪمرو هميشه بند ڪري ڇڏيندو هوس. اُهي سگهي ٿو ته ڏينهن جو يا سانجهيءَ جو در کليل ڏسي گهڙي آيا هجن،‘ سوچيم، پر چرچر جو آواز به ته ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي! ٺيڪ آ ....ڳوريون ته ڪمري ۾ رکي ڇڏيون اٿم، انهن ۾ ملايل اهي ڳوريون کائي ڪوئا ضرور مرندا ۽ جڏهن ڏپ کندا ته ڏهن ٻاهر نڪتو ڪري ڇڏيندو سان.‘

پر ڏينهن گذرندا ويا، ليکڙن ۾ واڌارو ايندو ويو ۽ انهن جي ڏپ به وڌندي ويئي، پر آها خاص ڏپ جيڪا ڪنهن مٿل شيءِ مان ايندي آهي سا ڪانه آئي ۽ نه ڪو منهنجي موجودگيءَ ۾ ڪو چرچر جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو، جيتوڻيڪ ڳهٽائي ڪتاب ۽ رسالا ڪتريل نظر ايندا هئا. مون ٻيون ڪوئامار ڳوريون آڻي ڪمري جي اندر چوڌاري رکي ڇڏيون ۽ وڌيڪ بچاءُ خاطر ڏينهن رات ڪمري جو در بند رکندو هيس.

پر وريو ڪجهه ڪونه. ڏينهون ڏينهن ڪتاب ۽ رسالا اڳي کان وڌيڪ زيان ٿيندا پئي ويا، ليکڙن جي ڏپ وڌندي پئي ويئي. اهڙي صورت حال ۾ پاڻ کي لاچار ۽ بي وس محسوس ڪيم. ڪمري ۾ جڏهن هوندو هوس ته ڪتابن منجهان ڪو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو هو. ”اها وري ڪهڙي بلا آهي جو در دريون بند هوندي به اچي ٿي ۽ بنا ڪنهن کڙڪي ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نقصان ڪري هلي وڃي ٿي!" سوچيم.

هڪڙي ڏهين اڌ رات جو جڏهن سڀ ننڊيون
وساميل هيون، آءٌ هڪ ڏنڊو کڻي ڪتابن واري
ڪمري جي بند دروازي جي ٻاهران بيٺي، ڪن ڏيئي
اندر جي حال کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
لڳس. ٿورو وقت گذريو جو اندران ڪان چرڙاٽ ٻڌڻ ۾
آيا ۽ وچ وچ ۾ ائين پئي معلوم ٿيو ته ڪو ڏند
ڪرٽي رهيو هجي! در فقط ٻيڪڙيل هو، مون تمام
خبرداريءَ سان در جو هڪ ڪاڪ کوليو، اندر گهڙي
بتي ٻاريم. پڪ ڄاتم ته دشمن هاڻي سوگهو آهي.
منهنجي اندر گهڙڻ سان چرچر ۽ ڏندن ڪرٽڻ جو آواز
هڪدم بند ٿي ويو. ڪاوڙ ۽ جوش ۾ ڏنڊي کي
چوطرف ڦيرائي، سان گڏوگڏ آواز ڪيڻ لڳس جيئن اڪيل
بلا ظاهر ٿي پوي. ڪتابن جي ڏيگن مٿان به مون ڏنڊا
هنيا، ايتري ۾ ڏسان ته هڪ ٿلهو متارو اندو ڪوئو
ڪتابن جي وٿين مان گهڙي ٻاهر ڪيي ڦوٽاريل اکين
سان سون ڏي نهاري رهيو آهي. وڏن ڪنن ۽ ڊگهين
ميڇن وارو اهو بيڇڙو جانور، جيڪو ڏينهن جي روشنيءَ
۾ اندو ٿي ويندو آهي ۽ اونداهيءَ رات جو شڪار
تي نڪرندو آهي، مون ڪي گهوري رهيو هو. سندس
منهن کي ڇتائي ڏسندي محسوس ڪيم ته هو منهنجي
اوچتي اندر اچڻ ۽ بتيءَ جي روشنيءَ جي ڪري ڪجهه
هراسجي ويو هو. نشانو ٻڇائي مون هن جي مٿان ڏنڊو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهائي ڪيڏيوءِ پر افسوس جو نشانو خطا ويو ۽ هو ڪتابن جي اندر وڃي لڪو. پوءِ ته جتي آيو تي آتي ڏنڊو وهائي تي ڪيڏيم، جيستائين ٽڪجي نه پيس. ڪتاب ۽ رسالا جيڪي اڳ ۾ ئي بي ترتيب رکيل هئا، وڌيڪ هيڏانهن هوڏانهن وکرجي پيا.

مان ساڻو ٿي کٽ تي ليٽي پيس ۽ جاڳندي رات گذاريم، سڄو وقت انڌي ڪوئي بابت سوچيندو رهيس: ”ڪٿان ڪان آيو! ڇا فرش ڪي يا ڪنهن پٽ جي ڪنڊ پاسي ڪي ڪو سوراخ آهي جتان ڪان اچي ٿو؟ يا ڇت ۾ ڪو ڏنگ آهي جنهن مان اچي ٿو ۽ زبان ڪري هلبو وڃي ٿو!“

سو هڪڙي ڏينهن وري سڀ ڪتاب ٻاهر ڪڍي، سڄي ڪمري جي چڪاس ڪيم. پٽن جي ڪنڊن پاسن کي جاچيم، ڏاڪڻ تي چڙهي ڇت جي چئني طرفن کي جاچيم، پر مونکي ڪٿان ڪان به اهڙو ڪو ڏنگ نظر ڪونه آيو جنهن مان اهو انڌو ڪوئو اچي وڃي سگهي.

هڪڙي دوست ٻڌايو ته ڪوئا وڏا بازيگر ٿيندا آهن، آهي درن ۽ درين جي ننڍين وٿين مان به اچي وڃي سگهن ٿا، ڪنهن ڪان سواءِ ڪوئن جا اهڙا به پر هوندا آهن جن کي عام رواجي اک ڏسي ڪانه سگهندي آهي.

ڪنهيل سورن آپائن جي باوجود منهنجي ڪتابن جو زيان ٿيندو رهيو؛ ٿلهي متاري انڌي ڪوئي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ ٻيلڙن ڪوئن به پيهر ٽم مچائي ڏني. هاڻي ته ڪورين جو اثر ٻيلڙن ڪوئن تي به نه ٿو ٿئي. ٻيو اچي رکيم ۽ ٻيا ڪرڙڪا ٿاهيم، پر مجال آ جو ڪو ڪوئو ڪنهن ڪرڙڪي ۾ اچي ڦاسي. انڌي ڪوئي ته ڪتابن جا لاهه ڪڍي ڇڏيا.

سهڻن ۽ قيمتي ڪتابن جو ان نموني ۾ زيان ٿيندو ڏسي اندر ۾ وڍ پوندا اٿم. هڪڙي دفعي انڌي ڪوئي کي منهنجو پادر ٺيڪ وڃي لڳو، پر هو ٽڪ پڇاڙي ڪتابن ۾ وڃي لڪو ۽ سڄي رات چرڙاٽ ڪندو ۽ ڏند ڪرٽيندو رهيو.

ڪتابن جو اهڙو شوق اٿم جيڪو ختم ٿي نه ٿو ٿئي، هڪڙا زيان ٿا ٿين ته انهن جي جاءِ ٻيا ٿا والارين. خبر ناهي ته اهو سلسلو ڪيستائين جاري رهندو. بهرحال هاڻي مون پڙهڻ جي رفتار تيز کان تيز تر ڪري ڇڏي آهي. اهو ڪتاب جيڪو نئون نڪور هجي ۽ اڳ ۾ پڙهيل به نه هجي تنهنجي زيان جو وڌيڪ ڏک ٿيندو اٿم بنسبت پراڻي ۽ پڙهي ڇڏيل ڪتاب جي.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو ٽڪرو

اها سڙڪ اٽڪل پنج ميل ڊگهي ٿيندي، انهيءَ جو اڳيون اڌ حصو سٺو آهي، پر پوئين اڌ جي حالت ڏاڍي خراب، جيڪو سٺو حصو آهي انهيءَ تي اوچيون بلڊنگون ۽ بنگلا ۽ خراب حصي ۾ جهوپڙيون، ڪڏون ڪوپا ۽ اوندهه — سان صحافي آهيان سو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ پنهي طرفن جو جائزو اڪثر وٺندو رهندو آهيان. اکين ڏارڻ لاءِ بنگلن ۽ محلن وارو حصو سٺو آهي، پر گهڻو ڪري دلچسپ ۽ مزيدار خبرون ٻئي پاسي وٽيڪ ملنديون آهن.

'سبحان الله هوٽل' جي ٻيري ڪي هڪ 'آڌي' چانهه جو آرڊر ڏيئي، مزي سان هوٽل جي بئنچ تي ويهي رهان ٿو — سنهنجي سامهون چاچو ابراهيم ويٺو آهي. چاچي ابراهيم جي فرمائش تي خورشيد بيگم جو ڳايل 'چاند سے پريت لگائے' وارو رڪارڊ وڄي رهيو آهي — چاچو ابراهيم ڏڌا سالم ڪٺي رهيو آهي. هو روز صبح جو پنهنجي پسند جا ڳانا ٻڌڻ لاءِ 'سبحان الله هوٽل' ۾ ايندو آهي. هنجي فرمائش هميشه پراڻن ڳانن جي هوندي آهي. سهگل، خورشيد بيگم، جيوٽي ۽ ماسٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊر جا گانا ڏاڍا پسند اٿس .... اهي گانا ٻڌي کيس پنهنجي جواني ياد ايندي آهي، هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهي. هن ٿلهو ساهه پريندي چيو: "هاءِ هاءِ، ڪهڙو نه وقت هو. هاءِ نسيم بانو، منهنجي دل جي راڻي."

هو فلم ائڪٽريس نسيم بانو جو چاهيندڙ هو. ۽ نسيم بانوءَ جي فلمن کي بار بار ڏسندو هو ۽ اهو پنجويهه سال اڳ جو زمانو هو، هينئر تہ چاچي ابراهيم جي نظر بہ ڪمزور ٿي ويئي آهي ۽ نسيم بانو جون فلمون بہ وقت جي لهر ۾ لڙهي ويون آهن. خورشيد بيگم جو گانو ختم ٿيو، تہ چاچي وري سهگل جي فلم شاهجهان جي گاني 'هاءِ هاءِ يہ ظالم زمانہ' جي فرمائش ڪئي، انهيءَ وچ ۾ ڇوڪرن جو هڪ ٽولو هوٽل جي اندر گهڙي آيو، هنن مان هڪڙي رڙ ڪندي چيو، "سٺ وے بلوري اکں واليا وارو رڪارڊ وڄاءِ.... گسيل رڪارڊ ٻڌي ٻڌي مٺي ۾ سور پئجي ويو آهي."

هوٽل وارو سهگل جو رڪارڊ اتي ۾ بند ڪري 'سٺ وے بلوري اکں واليا' وڄائڻ شروع ڪري. چاچو ابراهيم چانهہ جا ٽڪڙا ڊڪ پري آٿي هليو ٿو وڃي .... 'هاءِ هاءِ يہ ظالم زمانہ.'

مان خبر حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪران ٿو، هوٽل جي ٻاهران، پاسي ۾ ڏٺو وڃائي نجوميں جو سردار 'پروفيسر ايم- آر- قنڪا' ويٺو آهي، ٽڏي تي عام نجوم جا ڪتاب، ڀارا، سڳا ۽ تعويذ رکيل آهن، سندس

ٺٺاکٽي تختيءَ تي هڪ انساني کوپري ۽ ڪراس جي نموني ۾ ٻن ٻانهن جا هڏيل ٺهيل آهن ۽ لکيل آهي جادو اهو جيڪو سر تي چڙهي ڳالهائي، پريشانين کان نجات حاصل ڪريو، مجرب اوهان جي قدمن ۾، آزمايو جنن ڀوتن جي سردار، عالمي شهرت يافته پروفيسر ايم- آر — ٺٺاڪا ڪيءَ، مان بيهي تماشو ڏسان ٿو، هڪ نوجوان پنهنجي محبت جي ناڪاميءَ جو داستان پروفيسر کي ٻڌائي رهيو آهي. پروفيسر ڏارا هلائي، ڪتاب ڇڪاسي ڪيس هڪ تعويذ ٺاهي ڏئي ٿو، نوجوان سوا رپيو نذرانيءَ جو ڏئيس ٿو، پروفيسر مونکي سڃاڻي ٿو، مونکي اک ڏيو هٽي ۽ مان مشڪندو اڳتي وڌان ٿو.... خبر جي تلاش ۾.

رستي جي هڪ ڪنڊ ۾ جوا جي ڏڪري هلي رهي آهي، علائقي جو ”دادا“ عدو ٺال اڳاڙي رهيو آهي، پائلين، آڏين، ريڻ جي ڏي وٺ ٿي رهي آهي. عدو هر ڪنڊڙ کي پڻيءَ تي ٽپڪي هٽي شاباش ٿو ڏئي ۽ سندس همٿ ٿو وڌائي ته جيئن هو وڌيڪ داءُ لڳائي ۽ کيس وڌيڪ نال ملي. هنجا زوردار ٺهڪ چڱي ٻيلي کي ڏڪائي ٿا ڇڏين. پوليس سائنس مليل آهي. تنهنڪري هو بي پرواهه آهي. چرس جا سوٽا به هلي رهيا آهن. قاتل ڪپڙن ۾ ننڍيا ٻار وڏن کي رالد ڪندي ڏسي رهيا آهن، شايد هڪڙي ڏينهن هو هنن جي جاءِ والارينداء پــم جوئاري کنهن ڳالهه تي ٻاڻ ۾ ڳارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنديون پنهنجي ويا آهن، ”تنهنجي .... تنهنجي ....“ ڳچين ۾ هٿ پنهنجي ويا آهن، مان هڪدم نوٽ بڪ ڪڍيان ٿو، شايد ڪا خبر نهي پوي. پر عدو وچ ۾ پنهنجي ٿو وڃي. ڀنهي ڪي ٽڪ بجو ڪري ٿو، ۽ جهيڙو ٽري ٿو وڃي. مان مايوس ٿي آڏان ڪان اڳتي وڌان ٿو.

ٿورو اڳتي وري هڪ پيو ميڙ نظر اچي رهيو آهي، هڪ خانه بدوش پٺاڻ طاقت جون دوائون ۽ جڙي ٻوٽيون وڪڻي رهيو آهي ۽ پنهنجي فصيح بليغ بازاري زبان ۾ ماڻهن کي هرڪائي رهيو آهي، فحش نموني جا جملا استعمال ڪري رهيو آهي، وانهڙو مزي مان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهن. ”بچه لوگ بهاگ جائو....“ هر ٻار ڪائي ٽا وڃن. ”سلاجيت، اصلي سلاجيت .... ٽن ٽن.“

اڄ خبر نه ٿهندي. مان اونداهو پاسو چڏي، روشن پاسي ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو آهيان. پري ڏسان ٿو ته ويران پارڪ وٽ ماڻهن جو هڪ هجوم آهي، ’ڪا ڳالهه ضرور ٿي آهي....‘ مان اهو سوچي انهيءَ هنڌ ڏانهن ٿو وڃان.

”ڇا معاملو آهي؟“ مان هڪڙي ماڻهوءَ کان ٿو پڇان.

”مستانيءَ، حرامي ٻار ڄڻيو آهي .... توبهه منهنجي الله، توبهه.“ هو پنهنجي نڪ کي آڱر مان مهٽي ٿو.

ڏٺم ته واقعي مائي مستاني پٽ تي ليٽي پيئي آهي ۽ پنهنجي نئين ڄاول ٻار کي هٽڙا ڦيري رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چري مائي، جنهن جو ڪو ڏٺي مائين ڪوله هو، هر وقت ويران پارڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي هوندي هئي، پاڙي وارا منهس خاص خيال ڪندا هئا ۽ ماني به وقت تي ڪيس ڏيندا هئا، چاڪاڻ ته هو سمجهندا هئا ته مستانيءَ کي خوش رکڻ سان هرڪا مصيبت ٽري ويندي. هن مستانيءَ کنهن نامعلوم هنڌ کان اچي هتي ديرو ڄمايو هو. ڪڏهن ڪري اڌ اگهاڙي رهندي هئي، ڪنهن کي تنگ نه ڪندي هئي، پر جڏهن پاڙي جا ٻار ستائيندا هئس، تڏهن ڪچيون گاريون ڏيڻ شروع ڪندي هئي، يا ٻارن جي پٺيان ڊڪون پائيندي هئي.

”مستانيءَ سان منهن ڪارو ڪنهن ڪيو؟.... مستانيءَ سان منهن ڪارو ڪنهن ڪيو؟“ هر ڪنهن جي واتان اهو سوال ٿي نڪتو.

’دلچسپ خبر ٿي سگهي ٿي، پر هن سان منهن ڪارو ڪندڙ شخص ظاهر ٿيڻ کپي.‘ مون سوچيو.

”ڪنهن ويجهي رهندڙ ماڻهوءَ جو ئي اهو ڪم هوندو.“ ڪنهن چيو.

”ويجهو ڪير ٿو رهي.... ويجهو ڪير ٿو رهي؟“

معلوم ٿيو ته ويران پارڪ جي ويجهو ملنگ بابا ٿو رهي، جيڪو خيراتي مانيءَ کائيندو هو، ڇڙو ڇانڊ هو ۽ عمر پنجاهه پنجونجاهه سال هيس.

”ملنگ بابا نيڪ ۽ پرهيزگار شخص آهي. هو اهڙو شيطاني ڪم نٿو ڪري سگهي.“ هڪڙي چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙندي چيو.

”هائو، اهو ڪم ڪنهن شيطان جو هوندو.“

ٻئي ماڻهوءَ چيو.

”مارا! اڄڪلهه جا ماڻهو مستانين کي به نه ٿا ڇڏين!“ هڪ اڪ واري ماڻهوءَ چيو.

تڏهن به ڪ ڪرڻ لاءِ ملنگ بابا جي گهرلا ڪٽي ويٺي، پر هو غير معمولي طور تي پنهنجي ٺڪاڻي تي ڪونه هو. پورو هڪ ڪلاڪ گذري ويو، پر ڪو پتو نه پيو. مان جڪب ڪاٽيندو روشن پاسي ڏانهن ٿو وڃان.

روشن پاسي ۾ چهل پهل لڳي پيئي آهي، موٽرون پيون اچن وڃن، ماڻهو ڏاڍا خوش ٻهاو لڳي رهيا آهن. اڪين ٺارڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. هڪ وڏي بئنڪ جي ٻاهران سيٺ دائود ڀائي ملي ٿو وڃي. سيٺ دائود ڀائي وڏو سرمائيدار آهي، پر لڳندو ڪنهن فرم جو منشي آهي. پينٽ ڪان قميص ٻاهر نڪتل هوندي اٿس، پيرن ۾ اپنج جو چپل ۽ وات ۾ ٻيڙي. سيٺ دائود ڀائي ڪار به نٿو رکي، چاڪاڻ ته ايڪسيڊينٽ جو خطرو اٿس. بئنڪ ۾ سندس وڏو اڪائونٽ آهي ۽ روز بئنڪ ۾ پنهنجي سيونگ اڪائونٽ تي وڌندڙ وياج معلوم ڪرڻ لاءِ ايندو آهي. ’سيٺ دائود ڀائيءَ کان واپاري سماچار معلوم ٿي ويندو.‘ سوچيم.

”دائود ڀائي، مارڪيٽ جو ڪهڙو حال آهي؟“

ڪانئس پڇيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏاڍو خراب حال آهي پائي. ڪٿرو ٻڌايان، ريت صفا ڪري ڇڏيا آهن. ڪالهه جي ڳالهه آهي، سيٺ عثمان جو صفا ڏيوالو نڪري ويو. پنهنجو ته هارٽ فيل ٿئي پيو.“ هن دل تي هٿ رکيو.

هو هميشه مارڪيٽ جو حال خراب ٻڌائيندو آهي ۽ ڏيوالي جي ڳالهه ڪندو آهي. مان ڪيس آٿت ٿو ڏيان، هو موڪلائي ٻئنڪ جي اندر وڃي ٿو.

سامهون دڪان ۾ جنرل اسٽور وڪائو مال مان مٿيا پيا آهن ۽ شو ڪيسن ۾ سهڻيون شيون نماءَ لاءِ رکيل آهن. بيگمات زرق برق ساڙهين، غرارن ۾ تجلا ڏيئي، شاپنگ پيون ڪن ۽ هئنڊبئگس مان ساوا ڳاڙها نوٽ نڪرن پيا. هن پاسي فقيرن کي پنڻ لاءِ پابندي وڌل آهي، تڏهن هرندي به ڦاٽل ڪپڙن ۾ ننڍيا ٻار هٿن ۾ پينسلون يا اگر بتيون وڪڻڻ جي بهاني ڪنهن، بيک گهري رهيا آهن، ڇتن لڳل برقعن ۾ ڪي عورتون به پنڻي رهيون آهن. مان اڳتي وڌان ٿو، تمام اڳتي، جتي وڏي ڪورٽ آهي. اڃا تائين ڪا خبر حاصل نه ٿي آهي، ڪا خاص خبر هٿ ڪرڻ ضروري آهي.

وڏيءَ ڪورٽ جي اندر ٻاهر ماڻهن جا انبوه آهن. وڪيلن، اصيلن، منشين جي اچ وڃ لڳي پيئي آهي، جڻ ته ڪنهن ڪاليج اليڪشن جي ڪنويسنگ هلندڙ هجي، بيان لکيا پيا وڃن، شاهدن کي پڪو ڪيو پيو وڃي، وڏي واڪي جوابدارن کي سڏيو پيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهڻن ڏوهارين کي هٿ ڪڙيون لڳل آهن، ۽ آهي پوليس جي نظرداريءَ ۾ آهن. اڪثريت ڳوٺاڻن جي آهي، جيڪي مسڪين صورت بڻايو ويٺا آهن. 'پوءِ ڏوهه ڇو ٿا ڪن!' مان سوچيان ٿو، 'غربت .... جهالت.' مان ڪو فيصلو ڪري نه ٿو سگهان.

”ڏيڻا اٿو ته پئسا پورا ڏيو، اسانجو صاحب ڪو حالو چالو وڪيل ڪونهي، جو ٻيڳر ۾ وٺي.“ منشي علي محمد، جيڪو منهنجو واقفڪار آهي، سو هڪڙي ڳوٺاڻي سان ڏنڊي ۾ لڳل آهي.

”ڇا هي علي محمد؟“ مان ڪانئس پڇان ٿو.

”عجيب ڄڻن سان واسطو پيو آهي، خون جو ڪيس آهي، هڪ هزار رپيا اڄ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هئائون ۽ آندا اٿن پنج سو رپيا. توهان کي ته اسان جي صاحب جي خبر آهي، پئسا سڀ اڳڀرا وٺي، پوءِ ڪڻن هر ڪنهن جا پاڳ.“

مان هرويرو سندس 'ها' ۾ 'ها' ٿو ملايان، ڳوٺاڻو ڪيس ايلاز منٿون ڪرڻ ٿو لڳي، ”سائين هي پئسا وٺو، سياڻي تائين پيا پئسا به ڪري ڏينداسين، اسان غريبن تي رحم ڪريو.“

”هون، غريب آهيو. خون پيا ڪندا وتو، غريب آهيو. مفت ۾ ته پير به خير جي دعا ڪونه ڪندو آهي. چڱو پلا، سياڻي تائين جيڪڏهن سمورا پئسا نه ڪري ڏنا اٿو، ته پوءِ پيو وڪيل ڪجو.“

”سائين، اڄ توهان مهرباني ڪري ڪيس کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ڏيو، سچائي ڳالهائڻ الله ڪندو ته سڀ پڌرا ٿي ويندا." ڳوٺاڻو نوڙي منهنس پيرن ڏي هٿ وڪي ٿو.
منشي علي محمد منهن ڦيرڻو ڪري پنج سو رپيا پنهنجي کيسي ۾ ٿو وجهي.
"ڪهڙو ڪيس آهي؟" ڳالهائيس پڇيم.
"نيٺ ته صحافي آهين." هن ڪـلـي چيو، "هـو پريان هٽڪڙين ۾ پوڙهي ماڻهوءَ کي ڏسين ٿو، جيڪو پوليس جي گهيري ۾ بيٺل آهي."
"هائو."
"انهيءَ خون ڪيو آهي.... پنهنجي جـوان ڌيءَ جـو، جيڪا ڪنواري هئي .... ڪمبخت هاڻي پنهنجو دماغ وڃائي ويٺو آهي."
پوءِ منشي علي محمد ڪڻڪڻين ۾ ويهاري، مونکي انهيءَ ڪيس جي روداد ٻڌائي:
اهو پوڙهو پنهنجي اڪيلي ڪنواري ڌيءَ سان گڏ پنهنجي ڳوٺڙي ۾ رهندو هو، ۽ تر جي وڏي زميندار جي ڪڙمت ڪندو هو، جيڪو هنن جـي راڄ جـو سردار به هو. هڪڙي ڏينهن نپهريءَ جي وقت زميندار پنهنجي هڪ خدمتگار سان گـڏ پوڙهي جي گهر وٽ اچي بيٺو ۽ کيس سڏيائون. پوڙهو ٻاهر اچي کين مليو، زميندار کيس ڪنهن ڪم سانـگي ڪوهه ڏيڍ پـري وڃڻ لاءِ چيو. منهن جي ٻاهران وڻ جي ڇانو ۾ کٽ تي ولهي وڃائي، زميندار کي ويهاري پوڙهو پاڻ زميندار جي ڪم سانگي هليو ويو. اڃا هن ڏيڍ ميل کن پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس ڪيو، ته ڪيس ڪجهه ياد ٿو اچي ۽ اڳتي وڃڻ بدران پٺتي پير ڪيائين. واپس اچي ڏسي ته زميندار غائب آهي ۽ سندس ڌيءَ اندر ڪٽ تي اونڌي ليٽيل آهي ۽ زارو زار روئي رهي آهي، وار کليل اٿس، ڪپڙا هيٺان مٿان ٿانئل .... پوڙهي اوڏيءَ مهل ٿي سٽ ڏيئي ڪهاڙي کڻيئين ۽ ڌيءَ ڏسي وار ڪري، سندس مٿي تڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏي. زميندار جو ته ڪجهه به بگاڙي ڪرڻ سگهيو، پر هيئنر پنهنجو دماغ وڃائي ويٺو آهي. هنجا ماڻهو سندس ڌيءَ جي شاديءَ جا زيور وڪڻي هنجي بچاءُ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن.

مان منشي علي محمد کان موڪلائي پويان پير ڪريان ٿو. ڪشادي چمڪندڙ سڙڪ، پر شڪوه عمارتون، سينگاريل دڪانن کي پوئتي ڇڏيندو وڃان ٿو.

'سبحان الله هوٽل' ۾ رڪارڊنگ ٿي رهي آهي. چاچو ابراهيم بينچ تي ويٺل آهي ۽ شيشي جي گلاس ۾ مزي سان چانهه پي رهيو آهي ۽ مٿو به ڌوڻي رهيو آهي، ڪا سنڌي ڪافي آهي ماسٽر چندر جي. اوچتو وچ ۾ ئي رڪارڊ بند ٿي وڃي ٿو، چاچو ابراهيم جيڪو پنهنجي يادن جي دنيا ۾ گم آهي، چرڪ پري ٿو ۽ گلاس سندس هٿن مان ڇڏائجي ٿو وڃي. پٽ تي ڪري گلاس ٽڪرا ٽي ٿو وڃي، گرم چانهه جا ڇنڊا مونکي به لڳن ٿا. نئين ٽهيءَ جي فرمائش تي هوٽل وارو هڪ نئون فلمي رڪارڊ 'هائي مينون ڪي هوگيا' وڄائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممتاز مهر جون ڪهاڻيون، سنڌس شخصيت وانگر مائيٽيون، سنت ٿي انت نه ڏيندڙ پر گهرائيءَ ۾ وڃڻ وا... انهن ڪهاڻين ۾، زندگيءَ جي چرپر، احساس جي لوچ ... ڪهاڻيءَ جو انت پسجي ٿو.

چاچي ابراهيم جا يادگيرن جي واچوڙن ۾ قاتل ٿي... ساهه، عدوءَ جي نال اڳاڙي، مائي مستاني ۽ سنڌس حرامي ٻار... دائود پائيءَ جي واپاري ذهنيت، علي محمد منشيءَ جون اصيلن... ڪي قاسائڻ لاءِ انڪلون، زندگيءَ جي وهڪري جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. 'زندگيءَ جو وهڪرو' هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن جي وهڪ ۾ ڪئين ڪهاڻيون سمايل آهن.

هنن مائيٽين، سڌين سنواٽين. ڪهاڻين ۾: ٻـن لاشن... ٻنيان، هڪ جيئري جاڳندي چاهيندڙ جو پڇتاءُ، منيءَ جي... طوفان ۾ دبيل ماڙيلي دل، ڪهاڻي جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ لڪندڙ ج... ٻوڙ ٽيندڙ اتساهه، ٽئين تجربي ۾، شمونءَ، هڪ بالغ ٽيندڙ نينگ... جو اوچتو نفسياتي تجربو ۽ ان سان ڳانڍاپيل، اڻ پورت... جنسي تسڪين جي پورائيءَ لاءِ رجب ماءُ جون هٿوراڙيون روايتي اخلاقي ڀرم جي ڪوڪلائپ، معصوم ٻارن جو ايڊوينچ... ۽ ان ٻنيان سياويڪ ڏهڪاءَ جي چڪتاڻ، هـڪ شريف... ٽيڪسي ڊرائيور جو ٻاڏن ڪـان پلاند ڪنڌي پاڻ ڳـارڻ... ڪيفي شيراز جي مالڪ آقائي جي باغي فطرت، انڌي ڪوٺي... آڌو هڪ ٻڙهيل ٻڙهيل انسان جـي بـي وسي — اهي سـ... داخلي زندگيءَ جا مظهر آهن، جن کي ممتاز جي ٻاهرين اک... جهٽيو آهي ۽ پوءِ هن سادي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ممتا... جي ڪهاڻين جو اهو پنهنجو ڪن ۽ خاصيت آهي.

— ماڻ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن کي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book